
دعوت اسلامي جي ديني خدمات ۾ لاڳيتو جدوجهد جا 41 سال مڪمل ٿيڻ تي خصوصي رسالو بنام

# فيضانِ دعوتِ اسلامي

سنڌي



پيشڪش: ماهنامه فيضانِ مدينه (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰہ جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفكربيروت)



طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)


رسالي جو نالو: **فيضانِ دعوتِ اسلامي**

ڇاپو پهريون: محرم الحرام 1444هه ، آگسٽ 2022ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ
دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

## مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

## فيضانِ دعوتِ اسلامي

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.ne

# فهرست

امیرِ اهل سنّت جو پيغام دعوتِ اسلامي وارن جي ناءُ! .............. 1
باني دعوتِ اسلامي ۽ دعوتِ اسلامي .......................... 3
مولانا ابو رجب محمد آصف عطّاري مدني .................... 3
مدني مذاڪرو ............................................ 7
بيانات .................................................... 7
ڪتاب ۽ رسالا ............................................ 9
پيغاماتِ عطار ............................................ 10
مدني چينل جا پروگرام .................................. 10
فيس بڪ پيج ............................................. 10
فلاحي ڪمن ۾ حصو ...................................... 11
اهم ڳالهه ................................................ 11
مسجدن جي آبادگاري ۾ دعوتِ اسلامي جو ڪردار ............. 11
مولانا بلال حسين عطّاري مدني ............................ 11
مسجدن جي اڏاوت جو مقصد ................................ 12
دارُالسنّة ............................................... 13
مدارسُ المدينه بالغان ..................................... 13
درس ۽ بيان ............................................... 14
وڏين راتين جا اجتماعَ، اعتڪاف ۽ عبادتون .................. 14
اجتماعات ................................................ 14

مدني مذاڪرو ........................................ 15
مدني قافلا ........................................ 15
مدني مشورا ........................................ 15
متفرق ديني و علمي سرگرميون ........................ 16
عوام ۽ خواص جي شرعي رهنمائي ۽ دعوتِ اسلامي ............. 16
مولانا سيد بهرام حسين شاهه عطاري مدني ............. 16
علم وارن کان پڇو ........................................ 16
علم جي چابي ........................................ 17
شرعي رهنمائي ڪرڻ جي فضيلت ........................ 17
علماء جو منصب ........................................ 17
مدني مذاڪرو ........................................ 17
ملفوظاتِ اميرِ اهلِ سنت ........................................ 18
دارُالافتاء اهلِ سنّت ........................................ 19
مجلسِ تحقيقاتِ شرعيہ ۽ شرعي ايدوائيزري بورڊ (افتاء مڪتب) .... 20
استاذ العلماء حضرت علامہ مولانا مفتي محمد ابراهيم قادري دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ
فرمائن ٿا ........................................ 20
دعوتِ اسلامي جون علمي خدمتون ........................ 21
مولانا راشد علي عطاري مدني ........................ 21
دعوتِ اسلامي ۽ عالمي امن عام ........................ 26
مولانا محمد صفدر علي عطاري ........................ 26

دعوتِ اسلامي جون فلاحي خدمتون........................ 30
مولانا عمر فياض عطاري مدني.......................... 30
جديد ٽيڪنالوجي جي ميدان ۾ دعوتِ اسلامي جون ديني خدمتون. 35
مولانا اعجاز نواز عطاري مدني.......................... 35
Mobile Apps جو تعارف........................... 36
القرآن الكريم (Al Quran-ul-Kareem)..................... 36
صراطُ الجنان (Sirat-ul-Jinan).......................... 36
معرفة القرآن (Marifat-ul-Quran)........................ 36
بهارِ شريعت (Complete Bahar-e-Shariat).................. 36
دارالافتاء (Dar-ul-ifta Ahl-e-Sunnat).................... 37
ڪتاب لائبريري (Islamic-e-Books Library)................ 37
اوقاتِ نماز (Prayer Times)............................ 37
نيڪ اعمال (Neik Amaal)............................. 37
حج ۽ عمرو (Hajj and Umrah)........................... 37
ڪلمو ۽ دعا (Kalma and Dua)........................... 38
اسلامي بيانات (Islamic Speeches)...................... 38
مدني چينل (Madani Channel)........................... 38
روحاني علاج (Online Rohani Ilaj & Istikhara)............... 38
فيضان آن لائن اڪيڊمي.............................. 38
Social media ۽ دعوتِ اسلامي.......................... 39

مختلف Website جو قيام........................................39
مدني چينل (Madani Channel)...........................39
دعوتِ اسلامي جو عورتن ۾ ديني ڪم.......................40
اُمِّ ميلاد عطّاريه........................................40
دعوتِ اسلامي جو عورتن جي لاءِ ديني ڪم.................42
8 ديني ڪمن جي ڪارڪردگي جو جائزو (جون 2022ع، ملڪ و بيرونِ ملڪ).............................................43
دعوتِ اسلامي جي ديني ڪمن جو سسٽم گڏ 12 ديني ڪم.......44
مولانا عبدالله نعيم عطاري مدني.............................44
روح جون ضرورتون ۽ دينِ اسلام.............................44
دعوتِ اسلامي جي ذيلي حلقي جا 12 ديني ڪم...............45
دعوتِ اسلامي جي خدمتِ دين جا چند شعبا گڏ ساليانی ڪارڪردگي جو جائزو..................................................54
دعوتِ اسلامي جي مختلف ادارن پاران تحسين................55
مولانا حفيظ الرحمٰن عطّاري مدني............................55
يوم دعوتِ اسلامي 2 سيپٽمبر 2022ع........................58
دعوتِ اسلامي جو چا ٿيندو!...................................60

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# اميرِ اهل سنّت جو پيغام دعوتِ اسلامي وارن جي ناءِ!

نَحْمَدُهٗ وَنُصَلِّيْ وَنُسَلِّمُ عَلٰی رَسُوْلِهِ النَّبِيِّ الْكَرِيْم

سگِ مدينہ محمد الياس عطّار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي طرفان مرڪزي مجلس شوريٰ جي رڪنن، ۽ دعوتِ اسلامي جي ذميدارن جي بارگاهہ ۾!(1)

اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُه

منهنجا پيارا مدني پُٽئو ۽ مدني ڌيئرو! جيڪي ديني ڪمن جي ڌوم مچائيندا آهن، مان پنهنجي دل ۾ انهن جي لاءِ ڪافي سنا جذبا رکان ٿو، ياالله! جيڪي مدني پٽ 12 ديني ڪمن ۽ مدني ڌيئرون 8 مدني ڪمن جي لاءِ اڳرا رهندا آهن، نيڪ اعمال رسالي جي مطابق زندگي گذارڻ جي ڪوشش ڪندا آهن انهن سڀني کي بي حساب مغفرت سان مُشَرَّف فرمائي ڇڏ ۽ اي الله! انهن کي باربار حج جي سعادت نصيب ڪري ڇڏ، اِلٰهَ الْعٰلَمِيْن دعوتِ اسلامي جي هن باغ کي ٽڙندي پڪڙجندي مديني جي سدا بهار گلن جي صدقي سدا بهار ڪري ڇڏ ۽ هي دعوتِ اسلامي جيسيتائين مسلمان باقي رهن ديني ڪمن جي ڌوم مچائيندي رهي مديني منوّره زَادَهَا اللهُ شَرَفاً وَّ تَعْظِيْماً مان هاڻ رخصت جون گهڙيون اچي ويون آهن، الله پاڪ اسان سڀني کي

1 ...شيخ طريقت اميرِ اهل سنّت حضرت مولانا ابوالبلال محمد الياس عطّار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه 1439 هجري ۾ حج مبارڪ جي سعادت ماڻڻ کان پوءِ هي پيغام جاري ڪيو هيو، موضوع جي اهميت جي پيشِ نظر خصوصي رسالي ۾ شامل ڪيو وڃي ٿو. آفس ”ماہنامہ فيضانِ مدينہ“

باربار حج نصيب ڪري، باربار منو مدينو ڏيکاري توهان سين کي ۽ مون کي بي حساب بخشي، الله ڪريم منهنجي ۽ تمام حاجن جي حج کي مبرور فرمائي، مديني پاڪ جي حاضري کي مقبول فرمائي، آمين. مهرباني ڪري دعوتِ اسلامي جو خوب ديني ڪم ڪندا رهو، نيڪ اعمال رسالي جي مطابق زندگي گذاريو، اِنْ شَآءَاللّٰه نيڪ متقي پرهيزگار بڻجندؤ.

جامعات المدينہ للبنين، مدارسُ المدينہ للبنين جا اساتذه ڪرام ، طلبہ ڪرام، ناظمين، جامعاتُ المدينہ للبنات، مدارسُ المدينہ للبنات جي مُدَرّسات، ناظمات، طالبات، دارُالافتاء اهلِ سنّت جا مفتيانِ ڪرام ۽ تمام مجالس جا جيڪي بہ ذميدار آهن، لاڳاپيل آهن، الله پاڪ سين تي رحمت جو نزول فرماءِ، توهان سڀ دعوتِ اسلامي کي وڌي ڪري هلندا رهو ۽ تيزي اڳتي وڌائيندا هلو، دين جي خدمتن ۾ اڳي کان اڳيرو ٿي حصو وٺو، جن جن کان ٿي سگهي مدني مذاڪرو ضَرور ٻڌندا ڪيو.

هفتيوار سنّت ڀري اجتماع جي پابندي ضروري آهي جو هي دعوتِ اسلامي جو اوَّلين ڪمن مان آهي بلڪ هن کي سڀ کان پهريون ديني ڪم چيو وڃي تہ اِن ۾ ڪوئي حرج ناهي، ايئن سمجهو تہ هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع جي ذريعي سڄي دنيا ۾ ديني ڪم آهستي آهستي عام ٿيو، مدني قافلو تہ ظاهر آهي ديني ڪمن جي ڪرنگهي جي هڏي آهي ان کان بغير بہ گذارو ناهي لهٰذا سڀ مدني قافلن ۾ سفر ڪندا رهو. جيڪو جيترو ديني ڪم وڌيڪ ڪندو آهي بس ايئن سمجهو تہ منهنجي ان سان وڌيڪ محبت آهي، ديني ڪم ۾ جڻ اسان جي حياتي آهي نہ تہ سمجهو اسان جو موت

آهي، جيڪڏهن اسان ديني ڪم ڇڏي ڪري اربين ڪربين پتي بڻجي وڃون تہ اسان جي زندگي بلڪل بيڪار آهي جڏهن تہ دين جي خدمت هن ۾ شامل نہ رهي، اللّٰہ ڪريم آخري ساهہ تائين اسان ڪان دين جي خدمت وٺندو رهي، اللّٰہ پاڪ سين ڪي جنّتُ الْفِردَوس ۾ پنهنجي پياري حبيب صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب فرمائي، هي سيئي دعائون اوهان جي صدقي مون گنهگارن جي سردار ۽ منهنجي آل جي حق ۾ بہ قبول ڪري.

اٰمِیْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

مان وصيت ڪيان ٿو تہ دعوتِ اسلامي جي "مرڪزي مجلسِ شوريٰ" جيسيتائين شريعت جي خلاف حڪم نہ ڏي ان جي اطاعت ڪندا رهو، اطاعت ڪندا رهو ۽ بس انهن جي هينيان رهي ڪري ديني ڪمن جي ڌوم مچائيندا رهو، ٻنهي جهانن ۾ بيڙو پار ٿيندو. اِنْ شَآءَاللّٰہ

## باني دعوتِ اسلامي ۽ دعوتِ اسلامي

مولانا ابو رجب محمد آصف عطّاري مدني

ڪامياب ليڊر جي هڪ خوبي اها بہ آهي تہ هو جنهن ڪمن جي تقاضا يا توقع پنهنجي پيروڪارن ڪان ڪندو آهي، پاڻ بہ ان ۾ شامل هجي يا ڪرڻ جو حوصلو رکندو هجي. ان سان فالورز جي حوصلا افزائي ٿيندي آهي، ڪم ڪرڻ جو جذبو وڌندو آهي، انهن جو پنهنجي ليڊر سان تعلق وڌيڪ مضبوط ٿيندو آهي ۽ هو ان جي اڪ جي اشاري تي هلڻ شروع ڪري ڏيندا آهن. اسان جي زماني ۾ انٽرنيشنل ديني ليڊر باني دعوتِ اسلامي، اميرِ اهلِ سنّت حضرت

علامہ مولانا محمد الياس عطّار قادري دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيه جي بيشمار خوبين مان هيءَ خوبي بہ نمايان آهي تہ پاڻ دعوتِ اسلامي ۾ شامل پنهنجي چاهڻ وارن کي شايد ئي کو اهڙو ڪم ڪرڻ جي ترغيب ڏني هجي جنهن ۾ پاڻ ڊاريڪٽ يا اِن ڊاريڪٽ شامل نہ هجن. مثلاً: پاڻ ❀ مدني قافلن ۾ سفر ڪيائون ❀ علاقائي دورو بَرَائِي نيڪي جي دعوت ۾ شرڪت ڪئي ❀ فيضانِ سنّت جو درس ڏنو ❀ هفتيوار اجتماع ۾ شريڪ ٿيا ۽ بيان بہ ڪيا ❀ فندنگ (عطيات جمع ڪرڻ) جي ڪوشش ۾ پنهنجو تمام گهڻو حصو ملايو ❀ ڪثير ديني ڪتابن جو مطالعو ڪيو ❀ زبان، اک ۽ پيٽ جو قفلِ مدينہ لڳايو ❀ قفلِ مدينہ جو ڏينهن ملهايو ❀ انفرادي ڪوشش جي ذريعي بہ نيڪ ڪمن جي ترغيب ڏني ❀ لباس، پٽڪي، مسواڪ، ڪائڻ پيئڻ، هلڻ ڦرڻ، ويهڻ، ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ وغيره جي سنّتن ۽ آدابن تي عمل ڪيو ❀ ڏکايلن سان تعزيت ۽ عيادت ڪئي، انهن جي لاءِ دعائون ڪيون ۽ مسلمانن جي خوشي غمي جي موقعي ۾ شريڪ ٿيا. پاڻ دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيه خود فرمائن ٿا: ٻي کي ذهن ڏيڻ جي لاءِ پهريان پاڻ عمل ڪرڻو پوندو آهي.

اي عاشقانِ رسول! باغ جي مالڪ کي پنهنجو باغيچو ڏاڍو عزيز هوندو آهي، هو اُن جي ٻوٽن جي ٿارين ۽ پَنن تائين جي حفاظت پنهنجي ٻچن جيان ڪندو آهي، اهڙي طرح دعوتِ اسلامي باني دعوتِ اسلامي جو هڪ طرح سان گلشن آهي، اڄ جي هِن باغ ۾ بهار جي پويان مرڪزي ڪردار اميرِ اهلسنّت حضرت علامہ محمد الياس عطّار قادري دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيه جو آهي سندن بيڪ گرائونڊ ڪنهن پيرخاني، دارُالافتاء يا مدرسي سان جڙيل ناهي بلڪ سندن

والد صاحب حاجي عبدالرحمٰن قادري (مرحوم) شريعت تي عمل ڪرڻ وارا سادا انسان هئا ۽ ملازمت ڪري پنهنجي فيملي جي ڪفالت ڪندا هئا، ان جي باوجود اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي جذبي سان دين اسلام جي ايتري وڏي پيماني تي خدمت ڪئي جو پنهنجو مثال پاڻ آهن. مان اهو چوڻ چاهيان ٿو اميرِاهلسنّت ڪي دعوتِ اسلامي جي تحريڪ نهيل نڪيل، پليٽ تي سجائي ڪانہ ملي هئي بلڪ پاڻ علماءِ ڪرام ۽ مبلغينِ دعوتِ اسلام جي تعاون سان دعوت اسلامي کي سانديي تاتي بلندي تي پهچائڻ ۾ پنهنجي زندگي جا تقريباً 41 سال ڏئي ڇڏيا، زبردست محنت ڪئي پنهنجي آرام کي مسلمانن جي فائدي جي لاءِ قربان ڪيو مگر ٿڪيا نہ، بُک برداشت ڪئي، ننڊ قربان ڪئي، گهٽ سهولتن سان گڏ سفر جون تڪليفون برداشت ڪيون، معاونين جي خدمتن جو اعتراف ڪيو! پر انهن جي تعاون کي ميويدار بڻائڻ واري ذات باني دعوتِ اسلامي هئي.

اسان جي معاشري ۾ گهڻا ئي ماڻهو ملندا جيڪي پنهنجي مهارتن (اسڪلز) کي پنهنجي ذات تائين محدود رکندا آهن، انهن کي هي خدشو (Apprehension) ستائيندو رهندو آهي تہ هي شخص ڪم کي سنوارڻ جي بجاءِ بگاڙي ڇڏيندو ان کا سنو آهي تہ مان پاڻ ئي ڪم ڪري وٺان، ايئن هو پاڻ بہ گهڻو ڪم ناهن ڪري سگهندا جو هڪ شخص آخر ڪهڙو ڪهڙو ڪم ڪندو! پوءِ ان جي بيماري يا دنيا مان رخصت ٿيڻ جي صورت ۾ ان جون مهارتون بہ ان سان گڏ رخصت ٿي وينديون آهن، حالانڪ ڪنهن کي سيکارڻ لاءِ هڪ ڪلاڪ خرچ ڪيو وڃي تہ اسان جا ڪيئي سو ڪلاڪ بچي سگهن

ٿا، ۽ اسان کان پوءِ بہ اهو ڪم جاري رهندو آهي. اَلْحَمدُلِلّٰه! باني دعوتِ اسلامي اميرِ اهلِ سنّت دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَه 41 سالن جي سفر ۾ تقسيم ڪاري جي اصولن تي عمل ڪيو ۽ ڪم کي پنهنجي ذات جي گرد جمع نہ ڪيو بلڪ جنهن ديني ڪم جي لاءِ جيڪو قابل اسلامي ڀاءُ ملندو ويو ان کي اُها ذميداري ڏيندا ويا ۽ اهو وقت آيو جو دعوت اسلامي جي ذميدارن جو سرڪل نهي ويو، مختلف ڊيپارٽمنٽ ٺهيا ايسيتائين جو دعوت اسلامي جي مرڪزي مجلسِ شوريٰ (Central Executive Body) ٺهي. ايئن پاڻ دعوتِ اسلامي جو سڄو نظام مرڪزي مجلسِ شوريٰ جي حوالي ڪري ڇڏيو، مجلس شوريٰ تقريباً 22 سالن کان باني دعوتِ اسلامي جي سائي هيٺ دعوتِ اسلامي جي ديني ڪمن کي ليڊ ڪري رهي آهي. ايترو سارو ديني ڪم ڪرڻ باوجود بہ سندن عاجزي جو عالم هي آهي جو ”مون ڪجهہ بہ ناهي ڪيو، اجان گهڻو ڪجهہ ڪرڻو آهي.“ ايئن ناهي جو هن سسٽم جي ٺهڻ ۽ فعال ڪرڻ کان پوءِ باني دعوتِ اسلامي پاڻ رٽائر ٿي آرام جي زندگي گذاري رهيا آهن بلڪ سندن روزانو، هفتيوار، ماهوار ۽ ساليانہ مصروفيتون اهڙيون آهن جن جو تفصيل جاڻي ڪري عقل دنگ رهجي وڃي ٿو، پاڻ حافظِ ملت حضرت مولانا عبدالعزيز مبارڪپوري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي هن قول جا مصداق لڳن ٿا: زمين جي مٿان ڪم، زمين جي اندر (يعني قبر ۾) آرام. اميرِ اهلِ سنّت دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِيَه اڄ بہ دعوتِ اسلامي جا ديني ڪم انفرادي اعتبار سان ڪنهن بہ ٻي مبلغ کان وڌيڪ ڪري رهيا آهن. هتي مان صرف انهن ڪمن جو ذڪر ڪندس جن ۾ پاڻ ذاتي طور تي شامل هوندا آهن.

## مدني مذاڪرو

مدني مذاڪرو دعوتِ اسلامي جو نهايت دلچسپ ۽ عوام ۾ مقبول ترين هفتيوار مدني ڪم آهي ۽ مدني چينل تي لائيو نشر ٿيندو آهي، ان جا روح روان اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه آهن، هڪ رپورٽ مطابق اميرِ اهلِ سنّت 31 جولاءِ 2022ع تائين تقريباً 2068 مدني مذاڪرن ۾ هزارين سوالن جا جواب ڏنا، ڪنهن مدني مذاڪري ۾ 2 ڪلاڪ شرڪت ڪئي ته ڪنهن ۾ 4 ۽ ڪنهن ۾ 8 ڪلاڪ به شامل رهيا، ايوريج ڪڍي وجي ته 5000 هزار ڪان وڌيڪ ڪلاڪ نهن ٿا، پهريان پهريان ڪيترن ئي سالن تائين مدني مذاڪرا ”ملفوظاتِ عطار“ جي نالي سان ٿيندا رهيا انهن ۾ ڏنل وقت ان ڪان علاوه آهي. هونئن ته هر ڇنڇر جي رات جو به مدني مذاڪري جو شيڊول هوندو آهي پر خاص تهوارن تي روزانو به مدني مذڪرا ٿيندا آهن جيئن: 1 ڪان 11 محرم الحرام، 1 ڪان 13 ربيعُ الاول، 1 ڪان 12 ربيعُ الآخر، 1 ڪان 6 رجبُ المرجب، 1 ڪان 30 رمضان المبارڪ روزانو به مدني مذاڪرا، 1 ڪان 10 ذوالحجة الحرام، 14 آگسٽ، ان ڪان علاوه بُزرگانِ دين جي عُرس يا يومِ ولادت جي موقعن تي به مدني مذاڪري جو سلسلو هوندو آهي. قارئين ڪي منهنجو مشورو آهي ته توهان به مدني مذاڪرن ۾ شرڪت ڪيو ۽ علمِ دين جي موتين ۽ حڪمت جي گلن ڪي جمع ڪري پنهنجي زندگي ڪي مهڪايو.

## بيانات

الله ڪريم پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هن

سچي عاشق جي زبان ۾ اهو تاثير رکيو آهي جو کين گفتگو ۽ بيانن کي ٻڌي کري لکن جا لک نوجوان ۽ پوڙها توبہ کري نيکيون کمائڻ ۾ مشغول ٿي ويا ۽ اهڙي ماڻهن توبہ کئي جن کي پيءُ جي مارکٽ ۽ جيل جون سزائون بہ سڌاري نہ سگهيون. پاڻ زندگي جو پهريون بيان چند فردن جي سامهون کيو، پوءِ وڌندي وڌندي اهو وقت بہ آيو جو پاڻ لکن جي ميڙَ ۾ بہ بيانَ کيا، جڏهن سندن بيان شروع ٿيندو هو تہ خاموشي ڇانئجي ويندي ۽ سعادت مند توجه سان سندن بيان ٻڌندا ها، سندن بيانَن جي فيوضات کي عام کرڻ جي لاءِ پهريان پهريان آڊيو کيسٽ کي ذريعو بڻايو ويو، جڏهن ماڻهن جي کنن تائين ان کيسٽ جو آواز پهتو تہ اهي کين اندازِ بيان جي سحر ۾ ايئن گرفتار ٿيا جو پوءِ رهائي حاصل کرڻ لاءِ تيار نہ ٿيا، توهان کي اسلامي ڀائرن بشمول ذميدارن جي هک وڏي تعداد ملندي جيکي هي کيسٽ بيانَ ٻڌي کري دعوتِ اسلامي سان وابستہ ٿيا هوندا. هي مضمون لکڻ وارو پاڻ بہ ”قبر جي پهرين رات“ جي کيسٽ بيان ٻڌي کري دعوتِ اسلامي سان باقاعده وابستہ ٿيو هيو. ان کيسٽ بيانن کي اسلامي ڀائرن انفرادي طور بہ ٻڌو ۽ کيسٽ اجتماع ۾ گڏجي ويهي کري بہ ٻڌو. اميرِ اهلِ سنّت جي مختلف موضوعن تي بيانن جون 911 کيسٽون جاري ٿيون. ان کان پوءِ ويڊيو بيانن جو سلسلو شروع ٿيو، پوءِ مدني چينل جو آغاز ٿيو، هاڻ بہ پاڻ وقتاً فوقتاً دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اجتماع وغيره ۾ خصوصي بيان فرمائيندا آهن جنهن کي مدني چينل جي ذريعي دنيا ۾ نشر کيو ويندو آهي.

## ڪتاب ۽ رسالا

اميرِ اهلِ سنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه 25 صفرُ المظفر 1393ھ /مطابق 31 مارچ 1973ع جو پنهنجي آئيڊيل اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي سيرت جو پهريون رسالو ”تذڪرو امام احمد رضا“ لکيو، پوءِ تحرير جو سفر اهڙو شروع ٿيو جو اڄ تائين جاري آهي، اَلۡحَمۡدُلِلّٰه! انهيءَ دوران ”فيضانِ سنّت“ جهڙو عظيمُ الشان ڪتاب بہ لکيو جيڪو عوام ۽ خواص ۾ ڏاڍو مقبول ٿيو، پوءِ ان ۾ ترميم ۽ اضافو ٿيڻ شروع ٿيو تہ فيضانِ بسم الله، آداب طعام، پيٽ جو قفلِ مدينه، فيضانِ رمضان، غيبت جون تباهڪاريون، نيڪي جي دعوت، فيضانِ نماز جهڙيون ضخيم ۽ مستقل ڪتابون وجود ۾ اچي ويون، پاڻ گناهن کان پري ۽ نيڪين جي ويجهو هجڻ جي ترغيب تي مشتمل رسالا لکيا، بُزرگانِ دين جي سيرت تي مشتمل مختصر رسالا بہ سندن جي تحريري خدمت جو حصو آهن، ديني شاعري جو هڪ مجموعو وسائلِ بخشش ۽ ٻيو وسائلِ فردوس جي نالي سان منظر عام تي آيو، هاڻي تائين شايع ٿيڻ وارا تقريباً 142 ڪتابن ۽ رسالن جا صفحا لڳ ڀڳ13371 بڻجن ٿا. تحريري ميدان سان تعلق رکڻ وارا ڄاڻن ٿا تہ تحريري ڪم ڪيترو وقت وٺندو آهي، ڪيتري توانائي نچوڙيندو آهي ۽ ڪهڙي توجه گهرندو آهي! سندن تحريرن جي نکار ۽ معيار کي ڏسي ايئن لڳندو آهي مؤلف تحرير کان سواءِ ٻيو کو ڪم نہ ڪندو هوندو، ليڪن الله پاڪ اميرِ اهلِ سنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه کي نظرِ بد کان بچائي، تحريري ڪم کان علاوه بہ پاڻ ديني خدمتن ۾ وقت ڏيندا آهن.

## پيغاماتِ عطّار

بيمارن جي عيادت، ڏکارن سان تعزيت ۽ خوشين جي موقعي تي مبارڪباد ۽ دعائون ڏيڻ، ڊگهي عرصي کان سندن معمول آهي. گهڻي مصروفيتن باوجود اڄ بہ سندن اهو معمول بالمشافہ ۽ آڊيو ۽ ويڊيو پيغامات جي صورت ۾ جاري آهي، جنهن جي لاءِ تقريباً روزانو ئي ريڪارڊنگ جو سلسلو ٿيندو آهي، هي پيغامَ ڪيتري گهڻائيءَ سان جاري ٿيندا آهن صرف 6 مهينن جي رپورٽ ڏسو جيئن تہ شعبي ”پيغاماتِ عطّار“ جي ذريعي شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَڪَاتُهُمُ الْعَالِيَه 6 مهينن (جنوري 2022ع کان جون 2022ع) ۾ تقريباً 12 هزار 295 پيغامَ جاري فرمايا آهن.

## مدني چينل جا پروگرام

اميرِ اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَڪَاتُهُمُ الْعَالِيَه مدني چينل جي مختلف پروگرامن جي لاءِ بہ وقت عطا فرمائيندا آهن، مثلاً ڪوويڊ19 جي ڏينهن ۾ ٿيڻ واري ”دلين جي راحت“ جي تقريباً 54 سلسلن ۾ شرڪت فرمائي آهي. جڏهن تہ سلسلي ”ماضي جون يادون“ ۾ 7 سلسلن ۾ شريڪ ٿيا، عيدالفطر، عيدالاضحيٰ جي موقعي تي عيد ٽرانشميشن سان گڏوگڏ ٽيلي ٿون جي سلسلن ۾ جلوه گر هوندا آهن.

## فيس بڪ پيج

اميرِ اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَڪَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي فيس بڪ پيج تي چاهيندڙن جو تعداد تقريباً 45 لک آهي. پاڻ ان جي لاءِ وي لاگ بہ ڏيندا آهن وقتاً فوقتاً

پنهنجي فيس بک پيج (www.facebook.com/IlyasQadriZiaee) تي لائيو بہ ايندا آهن.

## فلاحي ڪمن ۾ حصو

باني دعوتِ اسلامي FGRF جي تحت ٿيڻ واري فلاحي ڪمن ۾ سڌو سنئون (Directly) ۽ واسطي سان (Indirectly) بہ شامل هوندا آهن، پاڻ جن فلاحي ڪمن جي ترغيب ڏياري آهي انهن مان چند هي آهن: ٿيليسيميا جي مريضن جي لاءِ رت جو عطيو، ڪرونا ۾ ملڪ ۽ ٻاهرين ملڪ امداد ، انتقال ڪرڻ وارن جو تجهيز و تڪفين (ڪفن دفن)، وڏڪاري، مينهن، سيلاب، زلزلي وغيره ۾ مالي ۽ ميڊيڪل امداد ڏيڻ، کاڌو تقسيم ۽ دسترخوان FGRF، ري هيبيليٽيشن سينٽر (Rehabilitation Center)، مدني ڪلينڪ وغيره.

## اهم ڳالهہ

آخر ۾ ايترو چوڻ چاهيندس: مَاحَرَّرْتُ فِی شَانِہٖ قَلِیْلٌ عَمَّا هُوَفِی ذَاتِہٖ يعني جيڪو ڪجهہ مون باني دعوتِ اسلامي جي باري ۾ لکيو ان کان گهٽ آهي جيڪو ان جي ذات ۾ آهي. اَللّٰهُمَّ زِدْ فَزِدْ (يعني الله پاڪ مزيد برڪتون عطا فرمائي) آمين.

## مسجدن جي آبادڪاري ۾ دعوتِ اسلامي جو ڪردار

مولانا بلال حسين عطّاري مدني

پياري آقا جنابِ محمد مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مديني جي هجرت وقت اسلام جي سڀ کان پهرين مسجد قائم فرمائي ان کي مسجد قبا جي نالي سان ڄاتو وڃي ٿو، مسجد قباء کان شروع ٿيڻ وارو

اهو سلسلو اسلام جي پکيڙ سان گڏ وڌندو رهيو ۽ اَلحمدُلِله اڄ سڄي دنيا ۾ لکين مسجديون موجود آهن. پاڻ ڪريم جهانن جي سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ صحابہ ڪرام ۽ بزرگان مسجدن جي تعمير ۾ حصو ورتو بزرگان دين جي طريقي تي هلندي اَلحمدُلِله عاشقان مسجد جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي بہ پنهنجي قيام کان وٺي هاڻي تائين سڄي دنيا ۾ ڪافي مسجدون تعمير ڪري چڪي آهي، مسجدن جي قيام جو هي سلسلو جيڪو تاحال (هن وقت تائين) جاري آهي اِن شَآءَ الله العزيز قيامت تائين جاري رهندو.

## مسجدن جي اڏاوت جو مقصد

ياد رکو تہ مسجدون صرف ۽ صرف پنج وقت نمازن جي ادائگي جي لاءِ ناهن بلڪ ٻيا بہ ڪيئي ديني اعمال آهن جيڪي مسلمان مسجد ۾ سرانجام ڏئي ڪري مسجد جي آبادڪاري ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهجي ٿو. اهي عمل يعني مسجد جي قيام جا مقصد ڪهڙا آهن؟ نماز کان علاوه ٻيا ڪهڙا ڪم آهن جيڪي مسجد ۾ سرانجام ڏنا وڃن؟ ان سلسلي ۾ پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ صحابہ ڪرام جي پاران مسجد نبوي ۾ وقوع پذير ٿيڻ واريون سرگرميون مسلم اُمّت جي لاءِ آئيڊيل آهن:

❀ معلمِ ڪائنات صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اتي ئي اصحابِ صُفَّہ کي تعليم ڏيندا هئا جيڪي اسلام جي پهرين درس گاهہ بہ آهي ❀ مسجدِ نبوي ۾ علمي مڪالمہ ٿيندا هئا ❀ مسلمانن جي اصلاحي ۽ تعميري سرگرميون هتي ئي ٿينديون هيون ❀ صحابہ ڪرام مسجد نبوي ۾ پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شان ۾ شعر پڙهندا هئا ❀ اُن کان علاوه رياست جا ٻيا ڪم بہ مسجد نبوي ۾ سرانجام ڏنا ويندا هئا

جن ۾ عدالتي فيصلا، قبائلي سردارن جي اچ وڃ معاشرتي مسئلن جو حل، غزوات جي تياري، مال غنيمت جي تقسيم، مملڪت مدينہ جي احوال جي باري ۾ مشاورت وغيره وغيره شامل هوندي هئي.

اَلحمدُلِلّٰہ زمين ڪي مسجدن سان سينگارڻ واري دعوت اسلامي انهن مسجدن جي آباديءَ لاءِ بہ خوب ڪردار ادا ڪري رهي آهي جو پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: اِنَّ عُمَّارَ بُيُوتِ اللهِ هُمْ اَهْلُ اللهِ عَزَّوَجَلَّ يعني الله پاڪ جي گهرن کي آباد ڪرڻ وارا ئي الله وارا آهن. (معجم اوسط،58/2،حديث:2502) مسجدن جي آبادڪاري جي خاطر دعوتِ اسلامي جي طرفان جاري چند ڪاوشن کي هن مضمون جو حصو بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، ملاحظہ ڪندا!

## دارُالسنَّۃ

مسجدن کي 24 ڪلاڪ آباد رکڻ لاءِ دعوت اسلامي تحت مدني مرڪزن ۾ دارُالسنَّۃ قائم آهن جتي 24 ڪلاڪ دعوت اسلامي جا مبلِّغ موجود هوندا آهن جيڪي نئي اينڊڙ اسلامي ڀائرن کي حسب حال احڪام ۽ فرائض سيکاريندا آهن، مختلف ڪورسَ ڪرائيندا آهن ۽ مدني قافلن ۾ سفر ڪرائيندا آهن.

## مدارسُ المدينہ بالغان

جيڪي ماڻهو ٻاروتڻ ۾ قرآن پاڪ جي تعليم يا درست تعليم حاصل ناهن ڪري سگهيا، ظاهر آهي وڏي ٿيڻ کان پوءِ انهن جو مدرسي  داخلا وٺڻ يا انهن کي مدرسي ۾ داخلا ملڻ هڪ سمجهہ ۾ نہ اچڻ واري ڳالهہ آهي! تہ اهڙن ماڻهن جي لاءِ دعوت اسلامي مدرسۃُ المدينہ بالغان جي سهولت ميسر ڪري رهي آهي مدارسُ المدينہ

بالغان بہ عموماً مسجد ۾ ئي لڳندا آهن جتي وڏي عمر جا ماڻهو تجويد سان قرآن پاڪ جي تعليم حاصل ڪندا آهن.

## درس ۽ بيان

ايئن ئي فجر نماز کان پوءِ تفسير ٻڌڻ ٻڌائڻ جو حلقو لڳايو ويندو آهي جنهن ۾ صدرُ الافاضل حضرت علامہ سيد مفتي محمد نعيم الدين مراد آبادي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي تفسير خزائن العرفان يا شيخ الحديث والتفسير مفتي محمد قاسم عطاري دَامَتۡ بَرَڪَاتُهُمُ الۡعَالِيه جي لکيل تفسير صراطُ الجنان مان قرآن جو درس ڏنو ويندو آهي جڏهن تہ ھڪ يا ھڪ کان وڌيڪ نمازن کان پوءِ فيضانِ سنّت، فيضانِ نماز، غيبت جون تباھ ڪاريون وغيره ڪنهن ڪتاب مان درس ڏنو ويندو آهي.

## وڏين راتين جا اجتماعَ، اعتڪاف ۽ عبادتون

دعوتِ اسلامي جي تحت يارھين، ٻارھين، شبِ برأت، شبِ قدر ۽ شبِ معراج جي موقعن تي مسجدن ۾ اجتماعَ ٿيندا آهن، جن ۾ درسِ ۽ بيان سان گڏوگڏ مختلف عبادتن جو سلسلو جاري رهندو آهي ۽ سڄي رات نفلي اعتڪاف بہ ڪيو ويندو آهي.

## اجتماعات

دعوتِ اسلامي جي تحت ملڪ ۽ ٻاهرين ملڪ هر جمعي رات نماز مغرب کان پوءِ (ڪجھ جڳهن تي عشاء نمازن کان بعد) مختلف مسجدن ۾ هفتيوار سنّتن ڀريو رونق افروز اجتماع منعقد ڪيو ويندو آهي جنهن ۾ مبلّغين دعوت اسلامي جي بيان سميت ذڪر ۽ نعت ۽ اجتماعي دعا ۽ سَڄي رات نفلي اعتڪاف بہ ڪيو ويندو آهي.

## مدني مذاڪرو

هر هفتي عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ۾ عشاء جي نماز ڪان پوءِ مدني مذاڪري جو انعقاد ڪيو ويندو آهي جنهن ۾ عاشقان رسول عقيدن، عبادتن ۽ معاملن ۾ پيش ايندڙ شرعي مسئلن جو حل اميرِ اهلِ سنّت حضرت علامہ محمد الياس عطار قادري دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه ڪان حاصل ڪندا آهن اجا هفتيوار مدني مذاڪري ڪان علاوه بہ مخصوص ايونٽس (تهوارن) تي مدني مذاڪري جو سلسلو هوندو آهي.

## مدني قافلا

ملڪ ۽ ٻاهرين ملڪ ماڻهن تائين اسلام جي دعوت ۽ علم دين پچائڻ جي لاءِ 3 ڏينهن، 12 ڏينهن،1 مهينو، 12 مهينن تي مشتمل مدني قافلا راهِ خدا ۾ سفر ڪندا رهندا آهن، قافلي جا شرڪا عموماً مسجد ئي ۾ قيام ڪندا آهن ۽ سڪڻ ۽ سيڪارڻ جي ذريعي مسجدن جون رونقون بحال رڪندا آهن. درس ۽ بيان، فرضَ ۽ سنتن جي تعليم ۽ نماز جي پريٽيڪل سميت ٻيون تعليمي ۽ تربيتي سرگرميون مدني قافلي جي زينت هونديون آهن.

## مدني مشورا

دعوت اسلامي جي تحت ٿيڻ واري ديني ڪمن ڪي بهتر ڪان بهتر سرانجام ڏيڻ لاءِ ذميدارَ مختلف موقعن تي ميٽنگون ڪندا رهندا آهن، هي ميٽنگون بہ عموماً مسجدن ۾ منعقد ٿينديون آهن جن ۾ ديني ڪمن جو جائزو ۽ ذميدارن جو مختلف شعبن ۾ تبادلو ۽ تقرريون، ڪم ڪي اجان احسن انداز ۾ هلائڻ جي لاءِ تجويزن ۽

مشاورتن جو سلسلو هوندو آهي.

## متفرق ديني و علمي سرگرميون

ان کان علاوه عاشقانِ رسول مسجدن ۾ مختلف نفلَ مثلاً اشراق، چاشت، تحيةُ الوضو، تحيةُ المسجد ۽ صلوٰةُ التوبہ ادا ڪندا آهن، مختلف جڳهن تي سحري جا اجتماع منعقد ڪري مسجدن جي رونق ۽ آبادگاري جو سامان ڪندا آهن.

# عوام ۽ خواص جي شرعي رهنمائي ۽ دعوتِ اسلامي

Dawateislami and Shariah guidance of peoples

مولانا سيد بهرام حسين شاهه عطاري مدني

## علم وارن کان پڇو

اللّٰہ پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| فَسْـَٔلُوْۤا اَهْلَ الذِّكْرِ اِنْ كُنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ﴿۷﴾ (پ17،الانبيآء:7) | ترجمو ڪنزالايمان: تہ اي ماڻهو! علم وارن کان پڇو جيڪڏهن توهان کي علم نہ هجي. |

هن آيت ۾ نہ ڄاڻڻ وارن کي ڄاڻڻ وارن کان پڇڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي ڇو تہ ناواقف جي لاءِ ان کان علاوه ڪو چارو ئي ناهي تہ اهو واقف کان پڇي ۽ جهالت جي مرض جو علاج بہ اهو ئي آهي تہ عالم کان سوال ڪري ۽ ان جي حڪم تي عمل ڪري ۽ جيڪو پنهنجي اُن مرض جو علاج نٿو ڪري اهو دنيا ۽ آخرت ۾ نقصان کڻندو آهي. (صراط الجنان،287/6)

## علم جي چاٻي

حضرت سيّدُنا عليُّ المُرتضيٰ كَرَّمَ اللّٰهُ وَجهَهُ الْكَرِيْم کان روايت آهي: علم خزانو آهي ۽ سوال ان جي چاٻي آهي، الله پاڪ توهان تي رحم فرمائي سوال ڪندا ڪيو ڇوته سوال ڪرڻ جي صورت ۾ چئن فردن کي ثواب ڏنو ويندو آهي: (1)سوال ڪرڻ واري کي (2)جواب ڏيڻ واري کي (3) ٻڌڻ واري کي ۽ (4) ان سان محبت ڪرڻ واري کي. (الفردوس بماثور الخطاب،80/2،حديث: 4011)

## شرعي رهنمائي ڪرڻ جي فضيلت

حضرت امام مالڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه حضرت ربيع رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي هڪ روايت بيان ڪئي ته ڪنهن شخص کي نماز جا مسئلا ٻڌائڻ روءِ زمين جي تمام دولت صدقو ڪرڻ کان بهتر آهي ۽ ڪنهن جي ديني ڏکيائي پري ڪري ڇڏڻ 100 حج ڪرڻ کان افضل آهي. (بستان المحدثين ، ص 38)

## علماء جو منصب

شرعي رهنمائي ڪرڻ جي وڏي اهميت ۽ فضيلت آهي، مگر هر هڪ کي اهو منصب سنڀالڻ جي اجازت ناهي، انهيءَ ڪري اميرِ اهلِ سنّت علّامہ محمد الياس عطّار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي مريدن، متعلقن ۽ محبن کي ان ڳالھ جي ترغيب ڏياريندا رهندا آهن ته هر معاملي ۾ علماءِ ڪرام کان شرعي رهنمائي وٺو، بغير شرعي رهنمائي جي هڪ قدم به اڳتي نه وڌايو.

## مدني مذاڪرو

اَلحمدُلِلّٰه دعوتِ اسلاميءَ اُمَّت مسلمہ جي خير خواهي جي لاءِ هتي

بيشمار شعبا قائم ڪيا آهن. انهن مان هڪ شعبو ”مدني مذاڪرو“ آهي جنهن ۾ ڪافي اسلامي پائر مختلف قسم جا موضوع مثلاً عقيدا ۽ عملَ، فضائل ۽ مناقب، شريعت ۽ طريقت، تاريخ ۽ سيرت، سائنس ۽ طب، اخلاقيات ۽ اسلامي معلومات، روز مره جا معاملا ۽ ٻين ڪيترن ئي موضوعن جي متعلق سوال ڪندا آهن ۽ اميرِ اهلِ سنّت علّامہ محمد الياس عطّار قادري دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه شرعي رهنمائي فرمائيندي جوابَ عطا فرمائيندا آهن.

## ملفوظاتِ اميرِاهلِ سنت

پاڻ دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه فرمائن ٿا: مون کي شروع کان ئي شرعي مسئلن ۾ دلچسپي هئي، انهيءَ شوق جي ڪري مفتي اعظم پاڪستان مفتي وقارالدين قادري صاحب رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه وٽ اچڻ وڃڻ لڳل رهندو هيو مان دعوتِ اسلامي نهڻ کان پهريان بهارِ شريعت جو درس ڏيندو هيس ۽ ماڻهو جيڪو سوال ڪندا هئا انهن جو جواب بہ ڏيندو هيس، ايئن هي سلسلو دعوتِ اسلامي ٺهڻ کان پهريان جو هلندو اچي ٿو، پوءِ جڏهن دعوتِ اسلامي ٺهي ان ۾ بہ هي سلسلو هلندو رهيو، البت ان جو پهرين ڪو نالو نہ هو”مدني مذاڪرو“ گهڻو پوءِ ڏنو ويو آهي. اللّٰه پاڪ ان کي قبول فرمائي ۽ مون کي غلطين کان محفوظ رکي، منهنجي گهڻو ڪري ڪوشش هوندي آهي تہ مان هي سلسلو علماءِ ڪرام جي موجودگي ۾ ڪيان تہ جيئن غلطي ٿئي تہ انهن کان اصلاح ڪرائي سگهجي. (ملفوظات امير اہل سنّت ،قسط 225 ، ص12) اَلحمدُلِلّٰه مدني مذاڪرن جو سلسلو اجا تائين جاري ۽ ساري آهي ۽ ان جو تعداد ٻن هزارن کان وڌ ٿي چڪو آهي. ان مدني مذاڪرن کي ”ملفوظاتِ اَميرِ اهلِ سنّت“ جي نالي سان

تحريري صورت ۾ بہ مرتب ڪيو وڃي پيو. هاڻي تائين ”ملفوظاتِ اميرِ اهلِ سنَّت“ جو ست جلدن تي ڪم مڪمل ٿي چڪو آهي جن مان بہ جلدَ ڇپجي منظرِ عام تي اچي چڪا آهن ۽ باقي پنج جلد ڇپجڻ جي مرحلي ۾ آهن. ملفوظاتِ اميرِ اهلِ سنَّت جا هي ست جلد 3742 صفحن تي مشتمل آهن، جن ۾ تقريباً 4805 سوال ۽ انهن جا جواب آهن جڏهن تہ وڌيڪ جلدن تي ڪم بہ هدفَ ۾ شامل آهي.

## دارُالافتاء اهلِ سنّت

دعوت اسلامي عوام توڙي خواص جي شرعي رهنمائي جي لاءِ سڄي ملڪ ۾ مختلف مقامات تي ”دارُالافتاء اهلِ سنّت“ بہ قائم ڪيا آهن جتي مفتيانِ ڪرام تحريري، زباني، فون ۽ بين ذريعن سان مسلمانن جي شرعي رهنمائي ڪرڻ ۾ مصروف عمل آهن. تادم تحرير (تحرير لکڻ وقت تائين) هر مهيني تقريباً ساڍا ست سو کان وڌيڪ فتوائون دارُالافتاء اهلِ سنّت مان جاري ڪيون ويون آهن ۽ هن وقت تائين ڏيڍ لک کان وڌيڪ تحريري فتوائون جاري ڪيون وينديون آهن. اي ميل ايڊريس (darulifta@dawateislami.net) جي ذريعي هر مهيني تقريباً 2 هزار سوالن جا جواب ڏنا وڃن ٿا. فون جي ذريعي پاڪستان، يوڪي، امريڪا ۽ سڄي دنيا جي مسلمانن کي هر مهيني ڪم و بيش چار هزار کان وڌيڪ سوالن جا جواب ڏنا ويندا آهن هرمهيني دارُالافتاء اهلِ سنّت ۾ اچڻ واري سائلين (سوال ڪرڻ وارن) کي ملاقات ذريعي ڏنا ويندڙ زباني جوابن جو تعداد تقريباً ڏهہ هزار آهي. دعوتِ اسلامي جي آفيشل پيج تي بہ مفتيانِ ڪرام لائيو سلسلي جي ذريعي عوامُ الناس جي شرعي رهنمائي فرمائيندا آهن. انهيءَ کان علاوه عوام ۽ خواص جي ضرورت کي

سامهون رکندي وقتاً فوقتاً دارُالافتاء اهلِ سنّت جي طرفان مختلف ڪتاب ۽ رسالا مثلاً ”مختصر فتاويٰ اهلِ سنّت، احڪامِ زڪوٰة، 72 واجبات حج ۽ تفصيلي احڪام، نماز ۾ لقمي جا مسئلا، ويلنٽائن ڊي (قرآن ۽ حديث جي روشني ۾)، ڪرسي تي نماز پڙهڻ جا احڪام“ کي بہ جاري ڪيو ويندو آهي.

## مجلسِ تحقيقاتِ شرعيہ ۽ شرعي ايڊوائيزري بورڊ (افتاء مڪتب)

دعوتِ اسلامي عوام ۽ خواص کي پيش ايندڙ جديد مسئلن جي حل جي لاءِ ”مجلسِ تَحقيقاتِ شَرعِيّہ“ جڏهن تہ دعوتِ اسلامي جي سڀني ڪم کي شرعي اعتبار سان ڏسڻ جي لاءِ شرعيہ ايڊوائزري بورڊ (افتاء مڪتب) بہ قائم ڪيو آهي جيڪو دعوتِ اسلامي جي جيّد علماء ڪرام ۽ مفتيان عظام تي مشتمل آهي، اللّٰه پاڪ دعوتِ اسلامي جي هن ڪاوشن کي پنهنجي بارگاهہ ۾ قبول فرمائي ڪري وڌيڪ ترقي عطا فرمائي. اٰمِيۡنۡ بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## استاذ العلماء حضرت علامہ مولانا مفتي محمد ابراهيم قادري دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَة فرمائن ٿا

اللّٰه تعاليٰ حضرت اميرِ اهلسنّت جو ڀلو ڪري جنهن دعوتِ اسلامي جي نالي سان اهڙي ديني اصلاحي جماعت قائم فرمائي جنهن بد مذهبيت جي سيلاب جي اڳيان بند ٻڌو. جنهن سان هزارين لکين افراد وابستہ ٿي پنهنجي زندگي اِتّباعِ شريعت ۾ گذاري دلين کي حُبّ سرڪار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان سرشار ڪري پنهنجي سيني کي مدينو بڻائين ٿا.

# دعوتِ اسلامي جون علمي خدمتون

مولانا راشد علي عطاري مدني

2 سيپٽمبر 1981ع تي ڪراچي جي علاقي ڪارادر مان هلڻ واري تحريڪ ”دعوتِ اسلامي“ پنهنجي عمر جا 42 سال دنيا جي 200 کان وڌيڪ ملڪن ۾ پهچي چڪي آهي. صرف 41 سالن جي عرصي ۾ تقريباً سڄي دنيا ۾ پنهنجو اثر ڇڏڻ الله ڪريم جي خصوصي عطا ۽ ان جي حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خصوصي نظر عنايت ۽ باني دعوتِ اسلامي ۽ ان جي معانين جي محنت ۽ اخلاص جو نتيجو آهي.

گذريل 41 سالن ۾ دعوتِ اسلامي جتي عاشقانِ رسول ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪئي، سڌيءَ واٽ کان ٿڙيل ماڻهن کي سڌيءَ واٽ تي هلايو، غيرمسلمن کي اسلام جي دعوت ڏني ۽ ڪثير تعداد کي اسلام جي دائري ۾ داخل ڪيو، نوجوانن کي نمازي ۽ سنت رسول جو پابند بڻائڻ سان گڏوگڏ صحابہ ڪرام ۽ اهلبيت جي محبت ۾ گرويده ڪري اولياءِ ڪرام جي دامن سان جوڙيو، اتي هڪ وڏو قدم هي کنيو جو ڪافي پليٽ فارمن تي ”علم دين جي تعليم“ کي عام ڪيو.

دعوتِ اسلامي جهالت جي انڌيري کي پري ڪرڻ ۽ بي عملي جي نحوست جو خاتمو ڪرڻ جي لاءِ تعليمي ميدان ۾ ڪيئي طرح سان خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. هر عمر جي افراد جي لاءِ مختلف علم حاصل ڪرڻ جا شعبا قائم ڪيا آهن.

اُمَّت جي ٻارڙن ۽ ٻارڙين کي ڪتاب الله جي مُقدس تعليم ڏيڻ

جي لاءِ مدارسُ المدينہ قائم ڪيا. دعوتِ اسلامي سپ ڪان پهريون مدرسة المدينہ 11 ربيع الآخر 1411ھ، 8 ڊسمبر 1990ع تي ڪراچي جي علاقي سبز مارڪيٽ (شو مارڪيٽ، گارڊن) ۾ قائم ٿيو ۽ اج اللّٰه جي فضل سان سڄي دنيا ۾ ٻارن ۽ ٻارڙين جا 5 هزار 947 مدرسا قائم آهن، جتي 2 لک 62 هزار 112 کان وڌيڪ ٻارن ۽ ٻارڙين کي قرآن ڪريم جي تعليم مفت ڏني وڃي پئي. جڏهن تہ آغار کان اَجُ تائين ناظره ۽ حفظ جي تعليم پرائڻ وارن ٻارن ۽ ٻارڙين جو تعداد 4 لک 39 هزار 940 کان وڌيڪ آهي.

علم دين صرف اهو ناهي تہ قرآن ڪريم ناظره پڙهي ورتو يا حفظ ڪري ورتو بلڪ قرآن ڪريم پڙهڻ سکڻ کان پوءِ سمجهڻ ۽ ان جي جزئيات ۽ ڪليات سان تعلق رکڻ واري عِلمن جو حاصل ڪرڻ بہ علم دين آهي بلڪ حقيقي علم دين آهي. دعوتِ اسلامي اَلحمدُلِلّٰه ان شعبي تي بہ خوب توجهہ ڏني آهي. جيئن تہ عظيم دولت بصورت درسِ نظامي فراهم ڪرڻ لاءِ سيپٽمبر 1994ع ڪراچي جي علاقي گوڌرا ڪالوني ۾ قائم مدرسة المدينہ ئي مان جامعةُ المدينہ جو آغاز ڪيو ويو، چند ٻارن ۽ هڪ استاد صاحب کان شروع ٿيڻ وارو هي جامعةُ المدينہ اج تمام وڏو تعليمي نيٽورڪ بڻجي چڪو آهي. جنهن جي هيٺ صرف درسِ نظامي ئي نہ بلڪ جديد خطوط تي ڪيترائي علمي شعبا هلي رهيا آهن جن ۾ حديث، فقہ ۽ مختلف ٻولين ۾ تخصصات سرفهرست آهن سيپٽمبر 1994ع تي شروع ٿيڻ واري جامعةُ المدينہ جون اج سڄي دنيا ۾ 1247 شاخون آهن جن ۾ 96 هزار 921 کان وڌيڪ شاگرد ۽ شاگردياڻيون اعليٰ ديني تعليم حاصل ڪري رهيا آهن جڏهن تہ تادم تحرير

(تحرير لکڻ وقت تائين) 241 جڳهن تي شاگرد ۽ شاگردياڻيون جا دورۃُ الحديث شريف ۽ 11 جڳهن تي تخصص هلي رهيا آهن. جامعةُ المدينہ جي مڪمل تعليمي خدمتون ۽ تفصيل ڄاڻڻ جي لاءِ ”ماهنامہ فيضانِ مدينہ“ جو خصوصي شمارو ”فيضانِ علم“ مڪتبة المدينہ کان حاصل ڪيو.

نياڻيون گهر جي عزت، معاشري جي اهم اڪائي ۽ خاندانن جي تربيت جو اهم رڪن هونديون آهن. هي چوڻ ڪو مبالغو نہ هوندو تہ هڪ ڌيءُ جي تربيت سڄي خاندان جي تربيت آهي. اَلحمدُلِلّٰه! دعوتِ اسلاميءَ جاتي عورتن ۽ نياڻين جي صحيح تربيت جي لاءِ گهڻي تعداد ۾ قدم کنيا آهن اتي انهن جي تعليم جي لاءِ بہ ڪيئي شعبا قائم ڪيا آهن. درسِ نظامي يعني عالمہ ڪورس کان علاوه ٿورڙي وقت تي ٻڌل مختلف تعليمي ڪورسَ بہ جاري ڪيا ويا آهن جن ۾ فيضانِ شريعت ڪورس گهڻو معروف، مقبول ۽ عام آهي.

جامعاتُ المدينہ کان درس نظامي ۽ فيضانِ شريعت ڪورس مڪمل ڪرڻ وارا شاگرد ۽ شاگردياڻيون جو تعداد اَلحمدُلِلّٰه! 16 هزار 117 کان وڌيڪ آهي.

ماڻهون چاهيندا آهن تہ اسان جا ٻار علمِ دين بہ حاصل ڪن ۽ دنياوي تعليم ۾ بہ اڳڀرا رهن پر اهڙو ماحول ۽ انداز ناهي ملندو، ڪيترا ئي ادارا اهڙا آهن جيڪي ديني ۽ دنياوي عِلمن جي دعويٰ تہ ڪن ٿا پر انهن ۾ غلبو دنياوي علمن جو هوندو آهي ۽ نصاب ۾ ڪجهہ وقت اهڙو مواد بہ شامل هوندو آهي جيڪو اسلامي عقيدن جي بہ خلاف هوندو آهي. اَلحمدُلِلّٰه! دعوتِ اسلامي ان جو بہ

مڪمل ۽ نوس حل ڪڍيو آهي جنهن کي دارُالمدينہ ايجوڪيشن سسٽم ۽ فيضانِ اسلامڪ سسٽم جو نالو ڏنو ويو آهي. هن مهل تائين ملڪ ۽ ٻاهرين ملڪ هن تعليمي سسٽم جي 185 شاخن ۾ 38 هزار ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون زيرِ تعليم آهن.

دنيا ڀلي ڪٽي تمام وڏي آهي ليڪن انٽرنيٽ ۽ جديد ٽيڪنالوجيءَ اُن کي هڪ ڳوٺ جيان بڻائي ڇڏيو آهي جنهن کي گلوبل وليج جو نالو ڏنو وڃي ٿو، دعوتِ اسلامي ان ٽيڪنالوجي کي ديني تعليم جي لاءِ استعمال ڪيو ۽ سڄي دنيا جي مسلمانن کي معياري ديني تعليم ڏيڻ جي لاءِ فيضان آن لائن اڪيڊمي قائم ڪئي. آن لائن پليٽ فارم تان دعوتِ اسلامي 45 شاخن ۽ 32 تعليمي ڪورسن ذريعي علمِ دين سيکارڻ ۾ مصروف آهي.

اسان جي معاشري جي هڪ سوچ بڻجي وئي آهي تہ شايد باقاعده ادارن ۾ تعليم حاصل ڪرڻ صرف ٻارن جو ئي ڪم آهي، حالانڪ دينِ اسلام تہ هر عمر جي ماڻهن کي علم حاصل ڪرڻ جي تلقين ڪري ٿو آهي. دعوتِ اسلامي ان معاشرتي سوچ کي سامهون رکي غيرادارتي انداز ۾ بہ تعليمِ دين جو اهتمام ڪيو آهي جيئن تہ اهي ماڻهو جيڪي وڏي عمر يا دنياوي ٻين مصروفيتن جي ڪري باقاعده ادارتي نظام هيٺ علم حاصل نہ ٿا ڪري سگهن انهن جي ناظره قرآنِ پاڪ ۽ فرض علوم جي تعليم جي لاءِ مسجد ۾ مدارسُ المدينہ بالغان جڏهن تہ ڪافي جڳهن تي گهرن ۾ مدرسن ۾ وڏي عمر جي خواتين جي لاءِ مدرسن جو آغاز ڪيو آهي. هن وقت اَلحمدُلِلّٰه! مَردن جي لاءِ پوري دنيا ۾ 45 هزار 232 ۽ عورتن جي لاءِ 10هزار 845 کان زائد مدرسا قائم آهن، انهن مدرسن ۾ هن وقت

تائين اَلحمدُلِلّٰه! 3 لک 12 هزار 158 کان وڌيڪ مرد ۽ عورتن کي ناظره قرآن پاڪ جي تعليم ڏني وئي آهي.

مدرسن ۽ جامعات کان علاوه اَلحمدُلِلّٰه دعوتِ اسلاميءَ تعليم دين جا ٻيا بہ ڪيترائي ذريعا اپنايا آهن جن ۾ فجر جي نماز کان پوءِ حلقي ۾ قرآن پاڪ جو ترجمو ۽ تفسير، هفتيوار سنّتن ڀريي اجتماعن کان پوءِ دعائون ۽ سنتون سيکارڻ جا حلقا، مدني قافلن ۾ نماز ۽ دعائون وغيره سيکارڻ جو سلسلو، مدني چينل تي ڪيئي سکڻ سيکارڻ جا پروگرامَ، سالن جي تجرن جي روشني ۾ مدني مذاڪرن جي ذريعي علمي نواردات جو بيان ۽ ٻين ڪيئي تعليم جا انداز شامل آهن.

انهن سڀني کان علاوه امت کي پيش ايندڙ شرعي مسئلن جي رهنُمائي جي لاءِ دارالافتاء اهلسنت، علمي ۽ تحقيقي ديني لٽريچر پهچائڻ جي لاءِ المدينة العلميه(اسلامڪ ريسرچ سينٽر)، صحافت جي ميدان ۾ دينيات جي فروغ لاءِ ماهوار فيضان مدينہ ۽ دعوتِ اسلامي جا شب ۽ روز، انٽرنيٽ جي دنيا ۾ علمِ دين جي اشاعت جي لاءِ 41 کان وڌيڪ ويب سائٽس ۽ سوشل ميڊيا پيجن کي فعال ڪيو ويو آهي.

دعوتِ اسلامي جي ايتري قدر وسيع نيٽ ورڪ جي سڀ کان وڏي خصوصيت هي آهي تہ اَلحمدُلِلّٰه! هر سطح تي ڇوڪرن، ڇوڪرين ۽ مرد ۽ عورتن جي لاءِ تمام نظام جدا جدا آهي. تعليمي ادارا هجن يا انتظامي مجلسون، محفلون هجن يا اجتماع هر سطح تي شريعت جي پاسداري ۽ پردي جو شرعي نظام پوري طرح

قائم آهي.

الله کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں

اے دعوتِ اسلامی تِری دھوم مچی ہو

## دعوتِ اسلامي ۽ عالمي امن عامه

## Dawateislami and Global Peace

مولانا محمد صفدر علي عطاري

**امن وقت جي اهم ترين ضرورت آهي :** هن وقت مجموعي طور تي پوري دنيا بي چيني ۽ بد اَمني جي لپيٽ ۾ آهي، هر ملڪ امن ۽ سڪون چاهي ٿو ۽ پنهنجون تمام تر توانايون امن جي تلاش ۾ صَرف ڪري رهيو آهي، عالمي سطح تي ان مقصد لاءِ ڪيئي ارب ڊالر خرچ ڪيا ويندا آهن، فوجون ۽ تنظيمون بڻايون وينديون آهن، قانونن ۽ پاليسين جو نفاذ ٿيندو آهي ته جيئن دنيا ۾ امن قائم ڪري سگهجي پر ان جي باوجود بدامني هاڻي سڄي دنيا جو مسئلو آهي. امن دنيا جي هر معاشري ۽ هر طبقي جي ضرورت آهي، ان کان بغير ترقي ۽ خوشحالي هڪ خواب بڻجي رهجي وڃي ٿي بلڪ هي نہ هجي تہ قومون تباهي جي ڪناري تي پهچي وينديون آهن. امن ڪيئن قائم ٿي سگهي ٿو هي هڪ تفصيلي موضوع آهي پر مختصر هي تہ امن معاشري ۾ سنائيءَ جي فروغ ۽ برائي جي خاتمي سان ايندو آهي، هڪ پُر امن معاشرو انهيءَ وقت قائم ٿي سگهي ٿو جڏهن ان جي ماڻهن ۾ چڱائي جا ڪم ڪرڻ ۽ برائي جي ڪمن کان پري رهڻ جو رواج عام ٿي وڃي.

**اسلام ۽ پُر امن معاشرو:** جيڪڏهن حقيقت جي آئيني ۾ ڏٺو وڃي ته هي ڳالهه پاڻ ئي واضح ٿي پوي ٿي ته دنيا ۾ اَمن قائم ڪرڻ جي لاءِ جيڪو ڪردار دينِ اسلام ادا ڪيو آهي ان جو مثال ڪاٿي نٿو ملي. اسلام چڱائي جي واڌاري ۽ برائي جي خاتمي جي لاءِ نه صرف اجتماعي ۽ ملڪي سطح جا قانون ڏنا آهن بلڪ انفرادي سطح تي به ماڻهن جي سني تربيت ۽ انهن کي معاشري جو بهترين فرد بڻائڻ جي لاءِ هڪ خوبصرت نظام ڏنو آهي. اسلام هڪ طرف ته انساني حقن جي پامالي ڪرڻ واري عادي مجرمن جي لاءِ سزائون مقرر ڪيون آهن، ماڻهن جي جان ۽ مال ۽ عزت ۽ آبرو جي حفاظت جي لاءِ مضبوط قانون ڏنا، عدل ۽ انصاف جو بهترين ۽ مثالي نظام پيش ڪيو آهي ته ٻي طرف انفرادي سطح تي معاشري جي هر فرد کي هي سبق ڏنو ته اُن کي ٻين جي حقن جو خيال رکڻو آهي، ايسيتائين جو اسلام غير مسلم پاڙيوارن جا به حق بيان ڪيا آهن. مطلب اسلامي تعليمات معاشري ۾ رهڻ واري هر فرد کي هڪ سنو انسان بڻائي ٿي ۽ انهيءَ کي هي به سيکاري ٿي ته هو پنهنجي آسپاس رهڻ وارن ماڻهن سان سنو سلوڪ ڪري ۽ انهن جي حقن جو خيال رکي.

**پُر اَمن معاشرو ۽ دعوتِ اسلامي:** عالمِ اسلام جي تمام وڏي تحريڪ ”دعوتِ اسلامي“ اسلام جي روشن تعليم جي مطابق معاشري ۾ چڱائيءَ جي فروغ ۽ افراد جي ذهني ۽ فڪري تربيت جي ذريعي انهن کي معاشري جو هڪ سنو فرد بڻائڻ جي لاءِ سڄي دنيا ۾ ڪم ڪري رهي آهي. دعوتِ اسلامي هينئر تائين اهڙن بيشمار افراد کي سنئينءَ واٽ تي آڻڻ ۽ انهن کي سنو انسان بڻائڻ

جو ڪم ڪري چڪي آهي جيڪي پهريان معاشري جا بدترين فردَ سمجهيا ويندا هئا وڏيڪ اهو ته عوامي اَمن کي خراب ڪرڻ وارا اهڙا عادي مجرم جيڪي مختلف جيلن ۾ سزائون ڪاٽي رهيا آهن دعوتِ اسلامي جيلن ۾ وڃي ڪري اهڙي فردن جي به ذهن سازي ڪري رهي آهي ته جيئن هُو آينده اهڙي جرمن جو ارتڪاب نه ڪن، ۽ نيڪ مسلمان ۽ سٺا انسان بڻجن.

**عالمي امنِ عام ۾ دعوتِ اسلامي:** اسلام جو هڪ نهايت ئي خوبصورت حصو هي به آهي ته ان مختلف قومن ۽ رنگ ۽ نسل جي ماڻهن کي اِنَّمَا الْمُؤْمِنُوْنَ اِخْوَةٌ (يعني مسلمان پاڻ ۾ ڀائر آهن) (پ26، الحجرات: 10) جي رشتي ۾ جوڙي ڇڏيو آهي، هي اهو رشتو آهي جيڪو تمام فاصلن ۽ سرحدن جي باوجود هڪٻئي جي ويجهو ڪري ڇڏي ٿو، ان مان واضح ٿئي ٿو ته اسلام هڪ عالمگير مذهب آهي، هي ويڇا ميٽي ڪري ماڻهن کي جوڙي ٿو، نفرتون ميٽي ڪري محبتون ورهائي ٿو. اسلام جي انهيءَ مزاج مطابق دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ اسلامي تعليمات عام ڪرڻ ۾ مصروفِ عمل آهي، ڇوته امن جرائم جي خاتمي ۽ چڱائيءَ جي واڌاري سان ئي ممڪن آهي لهٰذا دعوتِ اسلامي پنهنجي اصلاحي مشن جي ذريعي عالمي سطح تي به امن جي قيام ۾ هڪ تمام وڏو ڪردار ادا ڪري رهي آهي، ايسيتائين جو دعوتِ اسلامي جي هن انداز ۽ پيغامِ محبت کان متاثر ٿي ڪري ڪيترا ئي غيرمسلم به اسلام قبول ڪري رهيا آهن. اميرِ اهلسنّت علّامہ محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه جي طرفان جاري ڪيل ”نيڪ اعمال“ نالي رسالو به اِنهيءَ سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي جنهن جي ذريعي معاشري ۾ برائين کان بچڻ ۽ نيڪ ڪم

ڪرڻ جو جذبو وڏي رهيو آهي ۽ ايئن معاشري ۾ هڪ مثبت (Positive) تبديلي اچي رهي آهي.

**دعوتِ اسلامي پُر امن تنظيم آهي:** اسلام انساني حقن جو سڀ کان وڏو محافظ آهي اهوئي سبب آهي جو هن دين ۾ حقوقُ العباد کي تمام گهڻي اهميت حاصل آهي، هڪ حقيقي مسلمان جي اها ڪوشش هوندي آهي ته اُن جي ذات مان ڪنهن انسان کي تڪليف نه پهچي اهو ئي سبب آهي جو دعوتِ اسلامي احتجاج (Protest)، ٽوڙ ڦوڙ ۽ هنگامن کان پري رهي ڪري سڄي توجهه اصلاح ۽ معاشري جي تربيت تي رکندي آهي. اميرِ اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمائن ٿا: سڄي دُنيا ٻڏي وڃي ته اِن شآءَ الله دعوتِ اسلامي نه ڪڏهن هڙتال ڪندي، نه هنگاما ڪندي، نه جلاءُ گهيراءُ ڪندي، نه پٿر ڪٽندي، نه باهه لڳائيندي، نه احتجاجي ريليون ڪيندي ۽ نه ئي حڪومتن جا تختا اونڌا ڪرڻ جي هير ڦير ۾ پوندي. اِن شآءَ الله هي مون کان پوءِ به ايئن نه ڪندي. دعوتِ اسلامي وٽ تمام گهڻي افرادي قوّت آهي پر الحمدُلِلّٰه هي تخريبي ڪمن ۾ مار ڌاڙ ۾ ملوث ناهن ٿيندا، اسان الله کان ڊڄڻ وارا ماڻهو آهيون ۽ اها سوچ رکندا آهيون ته بس ڪهڙي به طرح الله جي ٻانهن کي اسان جي طرفان راحت ملي، تڪليف نه پهچي. (مدنی چینل کا پروگرام : "دلوں کی راحت " 19 اپریل 2020)

**عظيم ليڊر ۽ مُدبّر:** اميرِ اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جا هي لفظ ٻڌائن ٿا ته پاڻ مدبّرانه صلاحيتن جا حامل هڪ عظيم ليڊر آهن. پاڻ تمام پياري انداز ۾ دعوتِ اسلامي سان لاڳاپيل ماڻهن کي امن جو درس ڏنو ۽ ڳڏوگڏ تنظيم جي اها پاليسي به بيان ڪئي ته دعوتِ اسلامي هڪ پُرامن جماعت آهي ۽ هي پنهنجي مشن کي هميشه پُرامن انداز

۾ سڄي دنيا ۾ جاري رکندي. ايسيتائين جو اميرِ اهلِ سنّت اهو به فرمايو آهي ته بالفرض کو مون کي شهيد به کري ڇڏي ته منهنجي طرفان اُن کي منهنجا حقَ مُعاف آهن. وارثن کي به درخواست آهي ته ان کي پنهنجو حق معاف کري ڇڏين. (غيبت جون تباه ڪاريون ص 112) وقت ثابت کيو هک عظيم ليڊر ۽ رهنما جهڙي ريت هک شفيق پيءُ جيئن پنهنجي مُريدن ۽ تعلق رکڻ وارن جي تربيت کئي آهي اهڙي ريت ان دعوتِ اسلامي جي مقبوليت کي آسمان جي چوٽي تي پڄائي ڇڏيو آهي. دعوتِ اسلامي کي ٺهي ايکيتاليهه سال گذري چڪا آهن، اُن جو نيٽ ورک سڄي دنيا ۾ پکڙيل آهي پر اَلحمدُلِلّٰه دعوتِ اسلامي ملک ۽ ٻاهرين ملک هر جڳهه پُرامن رهي آهي اهوئي سبب آهي جو حکومتِ پاکستان جي پاران انهيءَ کي اهو سرٽيفکيٽ به جاري کيو ويو آهي ته دعوتِ اسلامي هک غير سياسي ۽ پُرامن تنظيم آهي. اهڙي ريت اسلام جو پيغام امن ۽ محبت دعوتِ اسلامي جي ذريعي سڄي دنيا ۾ پنهنجون خوشبون پکيڙي رهيو آهي.

## دعوتِ اسلامي جون فلاحي خدمتون

## Welfare services of Dawat-e-Islami

مولانا عمر فياض عطاري مدني

دين اسلام دينِ فطرت آهي، ان جو مزاج انسانيت جي تعظيم آهي، اسلام بي سهارا ۽ ڏکايل انسانيت جي مدد ۽ سهائتا تي گھڻو زور ڏئي ٿو. ماڻهن کي بنيادي ۽ معياري تعليم، صحت جي بنيادي سهولتن جي فراهمي، يتيمن جي بهترين انداز ۾ کفالت، معاشري جي پيسيل محروم طبقي جي داد رَسي، انهن جي معاشي ۽

معاشرتي حقن جو دفاع، ماڻهن سان حُسنِ معاملات ۽ انفاق ۽ خيرات جي ذريعي انهن جي مدد ڪرڻ انسانيت جي خدمت ۾ سرِفهرست آهي. قرآن ۽ حديثَ واضح لفظن ۾ شاهوڪار ماڻهن تي هي ذميواري عائد ڪئي آهي تہ هُو مُعاشري جي محروم طبقي جي سار سنڀال لهن. مسلمانن کي صرف انسانن سان ئي حُسنِ سلوڪ اختيار ڪرڻ جو ناهي چيو ويو بلڪ جانورن سان بہ رحم جو ورتاءُ ۽ ماحوليات جي حفاظت جي بہ تاڪيد ڪئي وئي آهي.

عصرِ حاضر ۾ عاشقانِ رسول جي عالمگير ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي اُمّتِ مسلمہ جي نہ صرف علمي ۽ فڪري رهنمائي ڪري رهي آهي بلڪ معاشري ۾ ڏکايل انسانيّت جي خدمت ۽ مجبور ۽ محروم طبقي جي هر ممڪن مدد جي لاءِ بہ ڪوشان آهي. عوام جي ڀلائي وارن ڪمن کي انجام ڏيڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي باقاعده هڪ ڊيپارٽمنٽ "FGRF" قائم ڪيو آهي جنهن جي ذريعي تعليم، صحت ۽ عام ڀلائي جي ميدانن ۾ انسانيت کي جهالت، بيماري، غربت، بي روزگاري، قدرتي آفتن ۽ بحرانن مان نجات ڏيارڻ جي لاءِ ماهر ٽيم سرگرمِ عمل آهي.

وطنِ عزيز ۾ ناگهاني آفتن جي موقعن تي دعوتِ اسلامي هميشہ اڳتي اڳتي رهندي آهي. سيلاب، زلزلو، طوفان سان انسان ۽ مالي ملڪيتن کي جڏهن نقصان پهتو، يا ان جا خطرا لاحق ٿيا تہ دعوتِ اسلامي جي هزارين ڪارڪنن مدد جي لاءِ اڳتي آيا ۽ ملڪ جي ڏورانهين علائقن ۾ وڃي ڪري متاثرن کي طبي، مالي ۽ اخلاقي معاونت فراهم ڪئي. هي سلسلو آفتن جي ڏينهن ۾ ئي نہ بلڪ سڄو سال جاري رهندو آهي.

**دعوتِ اسلامي جي فلاحي خدمتن جو جائزو:** FGRF جو وسيع نيٽورڪ هن وقت پنجهٺ (65) کان وڌيڪ ملڪن ۾ پکڙجي چڪو آهي ۽ افرادي قوت جي وسيع دستيابي ان کي بين ادارن ۾ ممتاز بڻائي ٿي. FGRf ڪيئي انداز سان اُمَّتِ محمديہ جي خدمت ڪري رهيو آهي: ❀ ڊيز اسٽر مينجمنٽ ❀ فوڊ ڊسٽري بيوشن، فيضانِ ري هيبلي ٽيشن سينٽر (معذور ٻارڙن جو علاج) ❀ مدني هوم (يتيم خانو) ❀ هيلٿ ڪيئر سينٽر ❀ وڻڪاري مهم/ اَربن فوريسٽ ❀ رت جون ڪيمپون ❀ ٿيليسيميا ۽ بين مريضن جي لاءِ بلڊ ڊونيشن ❀ فري ميڊيڪل ڪيمپون ۽ ❀ اِسڪلز انهينسمنٽ پروگرامَ سميت وبائي مرضَ، ٽرين حادثات، زلزلو، ٻوڏ، مينهن جي آفت، باهہ لڳڻ/بلڊنگ ڪرڻ جا واقعا، آئي ڊي پيز جي مدد، غريبن ۾ راشن جي تقسيم ڪاري، صحراءِ ٿر ۽ چولستان ۾ واٽر پمپ لڳرائڻ ۽ کوهہ کوٽرائڻ، اولڊ هائوسز ۾ دعوتن جو اهتمام، هيٽ اسٽروڪ اسٽيبلائزيشن ڪيمپون ۽ پاڪستان سميت سڄي دنيا ۾ سحري ۽ افطاري جو اهتمام نهايت منظم انداز ۾ انجام ڏنو ويندو آهي.

**ٿيليسيميا فري پاڪستان:** COVID-19 جي دوران ٿيليسيميا جي مريضن کي رت جي عطيات جي سخت ضرورت پئي، رت نہ هئڻ ڪري مريض ٻارن کي مايوس گهر موٽڻو پئجي رهيو هيو جيڪو ڪنهن وڏي انساني الميي جو باعث بڻجي سگهيو ٿي. هن نازڪ صورتحال کي ڏسندي ئي اميرِ اهلِ سنّت علّامہ محمد الياس عطّار قادري سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه دعوتِ اسلامي جي تمام ذميدارن کي خصوصي هدايت جاري ڪئي تہ ٿيليسيميا جي مريضن جي لاءِ

فوري ۽ هنگامي بنيادن تي اقدامات ڪيا وڃن. توهان حيران رهجي ويندؤ تہ FGRF تحت مئي 2020 ع کان جون 2022 ع تائين سڄي پاڪستان ۾ لڳڻ واري رت جي ڪيمپن ۾ 50 هزار کان وڌيڪ رت جون ٿيلهيون عطيو ٿيون جن کي سڄي ملڪ جي نامور بلڊ بينڪن ۽ ٿيليسيميا جي رجسٽرڊ ادارن ۾ جمع ڪرايو ويو.

**وڻڪاري:** جيئن جيئن سائنس ترقي ڪندي وڃي ٿي انهيءَ رفتار سان دنيا ۾ ٽرانسپورٽ جو دونهون ۽ فيڪٽرين جي سبب پکڙجندڙ فضائي آلودگي سان زمين جي حرارت جو درجو بہ وڌندو پيو وڃي جنهن جي نتيجي ۾ موسمي حالات ۾ شدت ۽ انساني زندگي تي ان جا هاڃيڪار اثرَ ظاهر ٿي رهيا آهن. گلوبل وارمنگ کي منهن ڏيڻ لاءِ سڄي دنيا ۾ دعوتِ اسلامي جي طرفان بہ ڀرپور انداز ۾ شرڪت جو فيصلو ڪيو ويو آهي ۽ باني دعوتِ اسلاميءَ مدني چينل تي هڪ ارب ٻوٽا لڳائڻ جو اعلان فرمايو. هدف کي عملي جامو پارائڻ جي لاءِ هينئرWWF، فاريسٽ ڊپارٽمينٽ ۽ متعلقہ ادارن جي تعاون سان 20 لک کان وڌيڪ ٻوٽا دعوتِ اسلامي ۽ عاشقانِ رسول جي طرف کان لڳائجي چڪا آهن جڏهن تہ وڌيڪ ڪوششون بہ جاري آهن.

**مدني هوم(يتيم خانو):** جولاءِ 2021ع ۾ دعوتِ اسلاميءَ يتيم خانو بنام ”مدني هوم“ ٺاهڻ جو فيصلو ڪيو ۽ مڪمل پلاننگ کان پوءِ مارچ 2022ع ۾ پهرين يتيم خاني جو سنگِ بنياد نارٿ ڪراچي، ڪريلا اسٽاپ تي واقع فيضانِ مدينہ مسجد سان متصل جڳهہ تي رکيو. ترجمان دعوتِ اسلامي حاجي عبدالحبيب عطاريءَ سنگِ بنياد جي تقريب ۾ بيان ڪندي ٻڌايو تہ ” دعوتِ اسلامي مدني هوم ۾

موجود ٻارڙن جي لباس، انهن جي علاج، انهن جي تعليم ۽ تربيت ۽ مستقبل جي حوالي سان انهن جي ڪفالت ڪندي. هتي ديني ۽ دنياوي ٻئي تعليمون ڏياريون وينديون، تعليم ڏيندي وقت مستقبل ۾ انهن جي روزگار ڪي بہ سامهون رکيو ويندو.“

**ڊيزاسٽر مينجمنٽ:** ڊيزاسٽر مينجمنٽ FGRF جو هڪ تمام نُمايو ۽ فعال شعبو آهي، هي شعبو قدرتي آفتن ۽ حادثن مثلاً ٻوڏ، سخت مينهن، زلزلو، ريل حادثا، هيٽ اسٽروڪ، وبائي مرضَ، بلڊنگ ڪرڻ / باهہ لڳڻ ۽ هوائي جهاز ڪِرڻ جهڙن واقعن دوران فعال هوندو آهي. متاثر ٿيل افرادن تائين خوراڪ ۽ امدادي سامان پڄائڻ، عارضي پناهہ گاهن سان گڏ خوراڪ ۽ پيئڻ جي پاڻي جي تقسيم ڪاري هن شعبي جي بنيادي ذميداري آهي.

**مدني هيلٿ ڪيئر سينٽر:** پهريون مدني هيلٿ ڪيئر سينٽر ڪراچي جي علاقي عائشہ منزل ۾ تيار ٿي چڪو آهي، 25 صفرالمظفر 1444هہ جو يومِ رضا جي موقعي تي ان جو افتتاح ٿي رهيو آهي. شعبي جي ذميدار رڪنِ شوريٰ مولانا حاجي عبدالحبيب عطاري جي مطابق هيلٿ ڪيئر سينٽر ۾ ماهر ڊاڪٽرن دستياب هوندا. هتي مرد ۽ عورتن جي لاءِ الڳ الڳ مڪمل شرعي پردي جو خيال رکندي ايمرجنسي، گائني، جنرل امراض (عام بيماريون)، ٻارڙن جا مرضَ، آرٿوپيڊڪ (هڏين، جوڙن، پٺن) جي مرضن جو علاج ٿيندو. انهن وڏيڪ ٻڌايو تہ ان ڪيئر سينٽر ۾ وڏي ماهر ڊاڪٽرن جي زيرِ نگراني علاج ٿيندو ۽ انسانيت جي خدمت جي مقصد سان ڊاڪٽر جي فيس، ٽيسٽ ۽ ميڊيسن سميت صرف ۽ صرف ٽي سؤ کان پنج سؤ روپيا چارج ڪئي ويندي. هتي روزاني جي بنياد تي 800 کان

1200 مريض علاج ڪرائي سگھندا.

**مختلف معذور ٻارن جو علاج:** آٽِزم (Autism) ۾ ٻڌڻ کان معذوري سان گڏوگڏ ٻِيا مسئلن جي شڪار ٻارڙن جي بحالي به FGRF جي ترجيحن ۾ شامل آهي. انهيءَ سلسلي ۾ FGRF شاهراهه فيصل ڪراچي تي "فيضانِ ري هيبلي ٽيشن سينٽر" جي نالي سان هڪ بحالي مرڪز قائم ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته فيصل آباد ۾ به هڪ جڳهه حاصل ڪري ورتي آهي جتي آرٽ جون سهولتون ۾ جديد ترين ٿراپي ٽڪنيڪن سان ڀرپور مسلح فيضانِ ري هيبلي ٽيشن سينٽر جي ٻي برانچ قائم ڪئي ويندي.

عاشقانِ رسول کان گذارش آهي ته پنهنجي عطيات (Donation) جي ذريعي FGRF سان تعاون فرمايو. جيڪڏهن توهان هن نيڪ ڪم ۾ حصو ملائڻ چاهيو ٿا ته درج ذيل نمبر تي رابطو فرمايو.

رابطو نمبر:32792626 (021)

## جديد ٽيڪنالوجي جي ميدان ۾ دعوتِ اسلامي جون ديني خدمتون

## Dawateislami and Latest Technology

مولانااعجاز نواز عطاري مدني

جديد ٽيڪنالوجي وقت جي ضروت ۽ رابطي جو اهم ذريعو آهي، هن جي غلط استعمال جا نقصانَ به آهن جڏهن ته درست استعمال جا گهڻائي فائدا آهن، اَلْحَمْدُ لِلّٰه دعوتِ اسلامي جديد ٽيڪنالوجي جي ميدان ۾ مختلف طريقن سان ديني خدمات

سرانجام ڏئي رهي آهي. تفصيل ملاحظه ڪيو:

## Mobile Apps جو تعارف

دعوتِ اسلامي جو I.T ڊپارٽ هن وقت تائين 31 کان وڌيڪ مختلف ايپلي ڪيشنز جاري (Release) ڪري چڪو آهي، چند Apps هي آهن:

## القرآن الڪريم (Al Quran-ul-Kareem)

هن ايپ ذريعي سپاري، سورت، آيت جي اعتبار سان تلاوت ڪري سگهجي ٿي، مختلف قارين جي آواز ۾ تلاوت ٻڌي سگهجي ٿي، ڊائونلوڊ به ڪري سگهجي ٿو، سرچ به ڪري سگهجي ٿو.

## صراطُ الجنان (Sirat-ul-Jinan)

هن ايپ مان قرآنِ پاڪ مڪمل ترجمي ۽ تفسير سان گڏ پڙهي سگهجي ٿو، سرچ ڪري سگهجي ٿو، ڪاپي به ڪري سگهجي ٿو.

## معرفة القرآن (Marifat-ul-Quran)

قرآنِ پاڪ جي لفظي ۽ بامحاوري ترجمي جي بهترين ايپ آهي، مختلف موضوعن جو ڊيٽا سرچ ۽ ڊائونلوڊ به ڪري سگهجي ٿو.

## بهارِ شريعت (Complete Bahar-e-Shariat)

هن ايپ جي ذريعي دِيني مسئلن جو تمام وڏو ڪتاب بهارِ شريعت جي 20 حصن جو مطالعو ڪري سگهجي ٿو، سرچنگ ۽ ڪاپي جي سهولت به آهي.

## دارالافتاء (Dar-ul-ifta Ahl-e-Sunnat)

هن ايپ جي ذريعي دارُ الافتاء اهلِ سنّت جون هزارين فتوائون موضوعن جي اعتبار سان پڙهي سگهجن ٿيون، سرچنگ ۽ ڊائونلوڊ بہ ڪري سگهجي ٿو، مختلف ڪتابَ ۽ پروگرامَ بہ ڏسي سگهجن ٿا.

## ڪتاب لائبريري (Islamic-e-Books Library)

هي مختلف موضوعن جي ديني آن لائن ايپ آهي، هتان ڪان ڪتاب پڙهي ڪري ڊائونلوڊ بہ ڪري سگهجن ٿا.

## اوقاتِ نماز (Prayer Times)

هن ايپ جي ذريعي لوڪيشن سيٽ ڪري دنيا جي هزارين مقامن جي نمازن جا درست وقتَ معلوم ڪري سگهو ٿا، قبلي جي سمت ڏسي سگهجي ٿي، آٽو طريقي سان نمازن جي وقتن ۾ موبائل کي Silent موڊ تي سيٽ بہ ڪري سگهجي ٿو.

## نيڪ اعمال (Neik Amaal)

جيڪڏهن توهان نيڪ بڻجڻ چاهيو ٿا تہ هي ايپ توهان جي لاءِ آهي، هن ايپ جي ذريعي روزاني جي بنياد تي پنهنجي معاملات کي چيڪ ڪري نيڪ بڻجڻ ۾ مدد حاصل ڪري سگهجي ٿي.

## حج ۽ عمرو (Hajj and Umrah)

حج ۽ عمرو ڪرڻ وارن جي لاءِ هي ايپ بهترين ساٿي آهي، هن ۾ حج ۽ عمري جو طريقو، ضروري مسئلا، ويڊيوز، دعائون، مڪي، مديني، جدي جا موسمي اَحوال ۽ ڪرنسي ڪنورٽر بہ آهي.

## ڪلموءِ دعا (Kalma and Dua)

ننڍڙي ٻارڙن جي ديني تربيت جي هڪ بهترين ايپ آهي، هن ۾ ڇهه ڪلما، مختلف دعائون، سنتون ۽ آداب ۽ اخلاقي تربيت تي ٻڌل مختلف ويڊيوز موجود آهن.

## اسلامي بيانات (Islamic Speeches)

هن ايپ ۾ قرآن ۽ حديث ۽ بزرگانِ دين جي اقوالن تي مشتمل مختلف موضوعن تي تحريري بيانات موجود آهن.

## مدني چينل (Madani Channel)

هن ايپ جي ذريعي توهان اردو، انگلش، بنگالي زبان ۾ مدني چينل Live ڏسي ۽ ٻڌي سگهو ٿا.

## روحاني علاج (Online Rohani Ilaj & Istikhara)

هن ايپ جي ذريعي استخارو ۽ ظاهري ۽ روحاني بيمارين جي ڪاٽ ڪرائي سگهو ٿا، گهر ويٺي تعويذات گهرائي سگهجن ٿا، قادريه رضويه عطّاريه رضويه سلسلي ۾ مريد به ڪرائي سگهجي ٿو.

## فيضان آن لائن اڪيڊمي

هن شعبي جي ذريعي دعوتِ اسلامي انٽرنيٽ وسيلي قرآن و سنّت جي تعليم عام ڪرڻ جي لاءِ ناظره، حفظ، ترجمة القرآن، تفسير و حديث، درسِ نظامي، فرض علوم، عقيدا، سيرت، فقہ، طهارت، نماز، امامت، روزي ۽ زڪوٰة سميت ڪيترا ئي ٻيا آن لائن ڪورسَ ڪرايا ويندا آهن.

## Social media ۾ دعوتِ اسلامي

مختلف سوشل ميڊيا پليٽ فارمن جيئن يوٽيوب، فيس بڪ، اِنسٽا گرام، ٽويٽر ۽ واٽس ايپ وغيره جي غلط مواد ۽ غلط اِستعمال سان وقت جو ضِياع، ڪوڙ، غيبت، چغلي، بهتان، حسد، تڪبر، بداَخلاقي، فحش گفتگو جهڙي ڪيترين ئي برائيون عام ٿي رهيون آهن، صِرف تفريح جي لاءِ هنن جو استعمال سخت نقصانڪار آهي، دعوتِ اسلامي هنن تمام پليٽ فارمن تي مثبت انداز ۾ مختلف چينلن ۽ پيجن جي ذريعي نيڪي جي دعوت کي خوب عام ڪري رهي آهي.

## مختلف Website جو قيام

ويب سائٽس به معلومات جي حاصل ڪرڻ يا مختلف شين جي تشهير جو هڪ وڏو ذريعو آهن، علمِ دين حاصل ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جون درج ذيل ويب سائٽس جو ضرور Visit ڪريو.

- www.dawateislami.net
- www. dawateislami.org
- news.dawateislami.net
- www.daruliftaahlesunnat.net

## مدني چينل (Madani Channel)

دعوتِ اسلامي مدني چينل جي ذريعي قرآن ۽ سنّت جي تعليم کي عام ڪرڻ ۾ سڀ کان اڳيري آهي، مدني چينل جي 24 ڪلاڪ آن ايئر ۽ آف ايئر نشريات جي ذريعي نہ صرف علمِ دين حاصل

ڪري سگھجي ٿو بلڪ پنهنجي، پنهنجي گھر وارن، ٻارن ۽ لاڳاپيل فردن کي ديني ۽ دُنياوي اَخلاقي تربيت بہ ڪري سگھون ٿا.

واضح رهي تہ هنن سيني Apps کي Update بہ ڪيو ويندو آهي، گوگل پلي وغيره تي هنن Apps جا نالا لکي ڪري سرچ ڪري انسٽال ڪري سگھجي ٿو جڏهن تہ توهان جي آساني جي لاءِ هڪ ايپ نالي “Dawateislami Digital Services” بہ تيار ڪئي وئي آهي جنهن ۾ دعوتِ اسلامي جون تمام ايپلي ڪيشنز ۽ سوشل ميڊيا لنڪس موجود آهن هي ايپلي ڪيشن هن Qr-Code کي اسڪن ڪري انسٽال ڪري سگھو ٿا.

اَلْحَمْدُ لِله هنن ايپس ۽ ويب سائٽس جي ذريعي تمام وڏو تعداد فائدو حاصل ڪري رهيو آهي، دعوت اسلامي جي ويب سائٽس وزٽ ڪرڻ وارن جو تعداد مهيني وار اوسط 13 لک 10 هزار کان وڌيڪ آهي جڏهن تہ دعوتِ اسلامي جون ايپس 16 ملين کان وڌيڪ تعداد ۾ انسٽال ٿي چڪيون آهن. الله پاڪ دعوتِ اسلامي کي مزيد ترقي و عروج عطا فرمائي. اٰمِيْنْ بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صلَّی اللہُ علیهِ واٰلہٖ وسلَّم

## دعوتِ اسلامي جو عورتن ۾ ديني ڪم

اُمِ ميلاد عطّاريه

يقيناً هي الله پاڪ جو احسان آهي جو ان شيطاني چالن کان

پنهنجي ٻانهن کي بچائڻ جي لاءِ انبياءِ ڪرام ۽ ان کان پوءِ اولياءِ ڪرام جو سلسلو جاري رکيو، جيڪو الله جي ٻانهن کي ان جي دين ڏانهن راغب ڪرڻ ۽ شيطان جي رستي تي هلڻ کان روڪڻ جو فريضو انجام ڏيندا رهيا. هلندڙ دور ۾ ان جي زنده مثال اميرِ اهلِ سنّت حضرت علّامہ محمد الياس عطار قادري سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه آهن، جيڪي اصلاح معاشري جي خدمت انجام ڏيڻ ۾ پنهنجو مثال پاڻ آهن. الله پاڪ سندن کي بيشمار خوبين سان گڏو گڏ حسنِ اخلاق جي اهڙي صفت سان نوازيو آهي جو زمانو ان جو چاهيندڙ ٿي ويو، ماڻهو سندن جي پويان نہ صرف هلڻ لاءِ تيار ٿي ويا بلڪ پاڻ لاءِ سعادت سمجهڻ لڳا ۽ پنهنجي خوش قسمتي تي ناز ڪرڻ لڳا، ۽ پوءِ وقت ڏٺو تہ جن کي سڌارڻ جي لاءِ سندن پنهنجي والدين هار مڃي ورتي ۽ پنهنجي اولاد کان بيزار ٿي ويا وڏيڪ جو استادن بہ هر طرح جون ڪوششون ڪيون آخر ڪار انهن بہ هٿ ڪٽي ڇڏيو، اهڙا بگڙيل افراد بہ سندن جي بارگاهہ ۾ پهچي سندن هٿ تي توبہ ڪري پنهنجي رب کي راضي ڪرڻ وارا بڻجي ويا ۽ والدين جي فرمانبردار اولاد ۾ انهن جو شمار ٿيڻ لڳو. اميرِ اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه معاشري جي هر فرد جي طرف توجهه فرمائي، پاڻ جتي پوڙهن، جوان، استاذ، طالبِ علم ۽ ٻين ڪيئي شعبن ۾ اسلام جي محبت، ان جي تعليمَ تي عمل ۽ عشقِ رسول جي تقاضن جي مطابق زندگي گذارڻ جو جذبو عام ڪيو، اتي عورتن جي اصلاح جو بہ بهترين نظام قائم فرمايو. عورتون نہ صرف پاڻ معاشري جو اهم فرد آهن بلڪ افراد جي تربيت جو ذريعو بہ آهن، لهٰذا دعوتِ اسلامي جڏهن معاشري جي اصلاح جو بيڙو کنيو آهي

تہ اهو ڪيئن ٿي ٿئي سگهيو تہ عورتن جي لاءِ انهن جو ڪو پليٽ فارم نہ هجي. دعوتِ اسلاميءَ انهن کي بہ تنها ناهي ڇڏيو، اُهو ئي سبب آهي تہ دنيا جي جنهن ڪنڊ ڪڙڇ ۾دعوتِ اسلامي جو پيغام پهتو، اتان جي عورتن بہ ان تحريڪ مان فيض حاصل ڪيو. هن وقت ملڪ ۽ ٻاهرين ملڪ ۾ لکين عورتون هن تحريڪ سان نہ صرف لاڳاپيل آهن بلڪ پنهنجي نسلن جي اصلاح جي ڪوشش ۾ بہ رڌل آهن.

## دعوتِ اسلامي جو عورتن جي لاءِ ديني ڪم

اسلامي ڀينرن جي چند اهم شعبن جون جهلڪيون ملاحظ هجن:

❀ وڏي عمر جي عورتن ۽ ننڍي عمر جي ڇوڪرين جي لاءِ الڳ الڳ مدرسةُ المدينہ جو قيام.

❀ قرآن پاڪ آن لائن سيکارڻ جي ڪلاسن جو اهتمام.

❀ قرآن جي درس جي ذريعي قرآن جي فيضان کي عام ڪرڻ.

❀ جامعاتُ المدينہ ڇوڪرين جي ذريعي اسلامي ڀينرن کي درسِ نظامي يعني عالم ڪورس ڪرائڻ.

❀ هفتيوار اجتماعن ۽ محفلن ۾ اصلاحي بيانن جي ذريعي اسلامي ڀينرن ۾ عمل جو جذبو وڌائڻ.

❀ شعبہ رابطہ جي ذريعي ليڊي وڪلاء، ججز، اسپورٽس وومين، آرٽسٽ ۽ ورڪنگ وومين ۾ اصلاح جون ڪوششون ڪرڻ ۽ انهن کي دين جي ويجهو ڪرڻ.

❀ شعبہ تعليم جي ذريعي اسڪول ۽ ڪاليجز جي شاگردياڻين،

ٽيچرز، وومين اسٽاف ۾ دينِ اسلام جي روشني پکيڙڻ.

❀ شعبہ اسپيشل اسلامي ڀينرن[1] جي ذريعي معذور اسلامي ڀينرن ۾ ملڪ ۽ ٻاهرين ملڪ ديني ڪمن جون ڌومون مچائڻ.

❀ شعبہ دارُ السنہ چوڪرين جي ذريعي ڪيترن ئي شهرن ۾ اسلامي ڀينرن کي مختلف ڪورسَ ڪرائڻ ۽ تنظيمي رهنمائي ڪرڻ.

❀ غيرمسلم عورتن تي انفرادي ڪوشش ڪري انهن کي اسلام قبول ڪرڻ جي دعوت ڏيڻ ۽ نَومسلم اسلامي ڀينرن کي اسلام جون بنيادي ڳالهيون ٻڌائڻ، عقيدا ۽ فرض علوم جي حوالي سان تربيت ڪرڻ ۽ تربيتي ڪورسَ ڪرائڻ.

انهيءَ کان علاوه اَلْحَمْدُلِلّٰه اسلامي ڀينرن ۾ 8 ديني ڪمن جو مضبوط نيٽ ورڪ بہ قائم آهي جنهن جي ذريعي سڄي دنيا ۾ نيڪي جي دعوت ۽ برائي کان بچڻ جي رغبت عام ڪئي ويندي آهي.

## 8 ديني ڪمن جي ڪارڪردگي جو جائزو (جون 2022ع، ملڪ و بيرونِ ملڪ)

| ڏهاڙي 3 ديني ڪم | | هفتيوار 4 ديني ڪم | | ماهوار 1 ديني ڪم | |
|---|---|---|---|---|---|
| انفرادي ڪوشش | مدني ماحول سان وابستہ | هفتيوار سنّتن ڀريو اجتماع | مقامات: 13273 | نيڪ اعمال | 100684 |

---

1 ...ان مان مراد گونگي، ٻوڙي، نابينا يا ڪنهن بہ جسماني معذوري جو شڪار عورتون آهن.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| | ٽيڻ واريون اسلامي پيېنرون:7029 | | اوسطاً شريڪ: 422780 | جو رسالو | |
| گھر درس | 104653 | علاقائي دورو | 35219 | | |
| مدرسة المدينہ بالغات | مدارس:10510 اوسطاً شريڪ:91627 | مدني مذاڪرو | 127759 | | |
| | | رسالو پڙهڻ/ٻڌڻ واريون | 1902011 | | |

# دعوتِ اسلامي جي ديني ڪمن جو سسٽم گڏ 12 ديني ڪم

## The methodology of Dawat-e-Islami Including 12 Religious Activities

مولانا عبدالله نعيم عطاري مدني

انسان روح ۽ بدن جي مجموعي جو نالو آهي، جهڙي طرح جسم کي توانو رکڻ لاءِ ان جي خوراڪ جو خيال رکيو ويندو آهي، ان جي صفائي سٿرائي جو خيال ڪيو ويندو آهي ۽ ان کي عيب دار ٿيڻ کان محفوظ بڻايو ويندو آهي اهڙي طرح روح کي قوي ڪرڻ جي لاءِ ان جي غذا جو اهتمام، پاڪيزگي جو انتظام ۽ داغداري کان بچاءَ جو انتظام ڪرڻو پوندو آهي.

## روح جون ضرورتون ۽ دينِ اسلام

روح جي ان تمام ضرورتن کي پورو ڪرڻ جي لاءِ دينِ اسلام ايمان

۽ سني عمل کي ضروري قرار ڏنو آهي جو ”تمام تر چڱائن جو بنياد ايمان آهي ۽ روح جي خوبصورتي ايمان کان پوءِ نيڪ عملن سان ئي ممکن آهي.“

**اسلام ۽ دعوتِ اسلامي:** اسلام جي هن خوبصورت پيغام کي سڄي دنيا جي ماڻهن تائين پهچائڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي معرضِ وجود ۾ آئي جيڪا بهترين تاريخي خدمتن جي لاءِ سرگرم عمل آهي، فرد جي اصلاح کان وٺي معاشري جي اصلاح بلڪ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جو ايجنڊو اپنائڻ واري هي تحريڪ پنهنجي زبردست سسٽم جي ڪري مقبول بہ آهي ۽ ڪامياب بہ!

## دعوتِ اسلامي جي ذيلي حلقي جا 12 ديني ڪم

دعوتِ اسلامي پنهنجي عظيم مدني مقصد **”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي“** کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ روزانو، هفتيوار ۽ ماهوار 12 ديني ڪمن جو اهڙو منشور پيش ڪيو آهي جيڪو هر مسلمان پنهنجي معاشي، خانداني ۽ معاشرتي مصروفيتن سان گڏوگڏ هن منشور کي زندگي جو حصو بڻائي ڪري عمل جي ذريعي پنهنجي روح کي خوبصورت ڪري سگهي ٿو! هيٺ انهن 12 ديني ڪمن جو جائزو پيش ڪيو پيو وڃي ملاحظہ ڪيو:

## روزاني جا ديني ڪم

(1) **فجر جي لاءِ جاڳائڻ:** ڏينهن جو آغاز ٿيندي ئي دعوتِ اسلامي جي ديني ڪمن جو آغاز ٿي ويندو آهي ۽ سُنَّتِ نبوي تي عمل ڪندي

مسلمانن کي فجر جي نماز لاءِ جاڳائڻ جو سلسلو هوندو آهي، جنهن کي ”فجر جي لاءِ جاڳائڻ“ چيو ويندو آهي. اَلحمدُلِلّٰه مشاهدو آهي جتي هي ديني ڪم پابندي سان ٿي رهيو آهي اتي فجر جي نمازين جو تعداد وڌيڪ هوندو آهي. (2) **تفسير ٻڌڻ ٻڌائڻ جو حلقو:** قرآن ڪريم مان فيضياب ٿيڻ جي لاءِ فجر جي نماز کان پوءِ قرآن جي درس جو سلسلو هوندو آهي جنهن کي ”تفسير ٻڌڻ ٻڌائڻ جو حلقو“ چيو ويندو آهي. جن مسجدن ۾ هي ديني ڪم رائج هوندو آهي اتي عجب روحانيت جو ماحول هوندو آهي ۽ مسلمان وڏي ذوق ۽ شوق سان ان حلقي ۾ شريڪ ٿيندا آهن. (3) **درسِ:** علم دين جي واڌاري جي لاءِ روزانو مسجدن ۽ مسجدن جي ٻاهران ڪنهن بارونق مقام تي سنّتن ڀريو درس ڏنو ويندو آهي جنهن کي ”درس“ جو نالو ڏنو ويندو آهي، اَلحمدُلِلّٰه هن ديني ڪم جون ڪافي مدني بهارون آهن انهيءَ درس جي ڪري ڪيترن ئي اسلامي ڀائرن جي زندگين ۾ انقلاب اچي ويو، گناهن ڀري زندگين کان تائب ٿي ڪري نيڪين جي راهه تي گامزن ٿيڻ وارن جو هڪ وڏو تعداد انهيءَ ديني ڪم جو ميوو آهي (4) **مدرسةُ المدينہ بالغان:** هر ذيلي حلقي ۾ مدرسو لڳايو ويندو آهي جنهن ۾ وڏي عمر جي اسلامي ڀائرن کي قرآن پاڪ پڙهڻ سيکاريو ويندو آهي وڌيڪ ان مدرسي ۾ سنّتن ۽ آدابن جي حوالي سان زبردست تربيت ڪئي ويندي آهي ان کي ”مدرسةُ المدينہ بالغان“ جو نالو ڏنو ويندو آهي. هن ديني ڪم جي بدولت بيشمار اسلامي ڀائر نہ صرف قرآن پاڪ جي تعليم حاصل ڪري چڪا آهن بلڪ انهيءَ مدرسي ۾ تربيت ماڻي گهڻائي خوشنصيب مبلغ بڻجي ڪري خدمت دين ۾ مشغول آهن. 2 لک کان

وڏيڪ عاشقانِ رسول تجويد سان گڏ مفت قرآن ڪريم سکڻ ۽ سيکارڻ ۾ مصروف آهن.

## هفتيوار 5 ديني ڪم

(5) **هفتيوار اجتماع**: عاشقانِ رسول جي قلبي و روحاني تسڪين جي لاءِ تقريباً هر ننڍي وڏي شهر ۾ مغرب نماز نماز کان اشراق و چاشت (3 نشستن ۾) **هفتہ وار اجتماع** ٿيندو آهي جنهن ۾ تلاوتِ قرآن، نعت بيان ۽ رقّت انگيز دعا ٿيندي آهي، هن ديني ڪم جا اهڙا ميوا ظاهر ٿيندا آهن جو ماڻهو اش اش ڪري اٿي، خوفِ خدا جي نعمت، ديدارِ مصطفيٰ ، دعائن جي قبوليت، گناهن کان توبہ جهڙا انمول تحفا انهيءَ ديني ڪم جي بدولت مقدر بڻجندا آهن

(6) **هفتيوار مدني مذاڪرو**: هرچنچر تي عشاء نماز کان پوءِ مسلمانن جي شرعي، اخلاقي، معاشرتي، نظرياتي ۽ گهريلو معاملات جي حوالي سان اميرِ اهلِ سنّت علاّمہ محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه کان سوالَ ڪيا ويندا آهن پاڻ انهن جا حڪمت ڀريا جواب عطا فرمائيندا آهن، هن مدني ڪم کي ”هفتيوار مدني مذاڪرو“ چيو ويندو آهي. مدني مذاڪري سان ڪيترائي بگڙيل سڌري ويندا آهن، گهريلو جهيڙا ختم ٿيندا آهن، دلين جا وهمَ ۽ وسوسا پري ۽ گهٽيون ئي اُلجهنون سُلجهي وينديون آهن

(7) **علاقائي دورو**: هر مسجد جي پاسن ۾ گهر گهر، دڪان دڪان وڃي ڪري گهرن ۽ دڪانن ۾ موجود ۽ حتّي المقدور واٽ تي بيٺل ۽ اچڻ وڃڻ وارن سيني فردن کي نيڪي جي دعوت پيش ڪئي ويندي آهي، ان کي ”**علاقائي دورو**“ چيو ويندو آهي. هن ديني ڪم جي برڪتن سان سنّتن ڀري زندگي کان ڀري بي چين زندگيون

گذارڻ وارا اسلامي ڀائر دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي ويندا آهن ۽ نيڪين جي برڪت سان انهن جي زندگين ۾ سڪون جا لمحا اچڻ لڳندا هن (8) **يومِ تعطيل اعتڪاف**: دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ڪرڻ جي لاءِ شهر جي اطراف ۽ ڳوٺن جي مختلف مسجدن ۾ موڪل واري ڏينهن اعتڪاف ٿيندو آهي جنهن کي ”يومِ تعطيل اعتڪاف“ چوندا آهن. هن سبب ڪيترا ئي مسلمان پنج وقت نمازي بڻجي ويندا آهن ۽ ڪيترا ئي ماڻهو پنهنجو وقت فضوليات ۾ گذارڻ جي بجاءِ خدمتِ دين ۾ صرف ڪرڻ لڳندا آهن. (9) **هفتيوار رسالي جو مطالعو**: ديني شعور ۽ آگاهي جي لاءِ هر هفتي هڪ مختصر رسالو پڙهڻ جي مهم هلائي ويندي آهي جنهن کي ”هفتيوار رسالو مطالعو“ چوندا آهن. هن جي برڪت سان مسلمانن جي اندر ديني شعور بيدار ٿيندو ۽ علمِ دين جي صورت ۾ ميراثِ نبوي جو خزانو حاصل ٿيندو آهي.

## ماهوارٿي ديني ڪم

(10) **نيڪ اعمال**: ماڻهن جي روحاني تربيت ۽ ذاتي اصلاح جي لاءِ سوالن جي صورت ۾ هڪ رسالو مرتب ڪيو ويو آهي جنهن کي روزانو پُر ڪري پنهنجي عملن جو جائزو ورتو ويندو آهي هر مهيني باقاعده ذيلي نگران کي جمع ڪرايو ويندو آهي، ان کي ”نيڪ اعمال“ چيو ويندو آهي. هن جي برڪت سان نيڪ اعمال ۽ پنهنجي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻ تي استقامت نصيب ٿيندي آهي. (11) **مدني قافلو**: علم دين سکڻ ۽ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ لاءِ هر مهيني ٽي ڏينهن راهِ خدا ۾ سفر ڪيو ۽ ڪرايو ويندو آهي جنهن کي ”مدني قافلي“ جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. هن

مدني قافلن جي برڪت سان مسجدون آباد ٿينديون آهن، لڪين بي نمازي، نمازي بڻيا آهن، هزارين ڪافر مسلمان ٿيا آهن.

(12) **مدني ڪورسز:** مسلمانن جي عبادتن ۽ عملن کي اجان وڌيڪ بهتري جي لاءِ مختلف ڪورسَ ڪرايا ويندا آهن جنهن کي ”مدني ڪورسز“ جو نالو ڏنو ويو آهي. هنن ڪورسن جي ذريعي ڪيئي افرادن جي اخلاقي، معاشرتي ۽ شرعي آداب ۽ مسئلا ۽ تنظيمي طريقي ڪار سيکارڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. هي ڪورس ڪرڻ کان بعد عاشقاڻِ رسول معاشري ۾ هڪ با وقار زندگي بسر ڪندا آهن.

## 12 ديني ڪمن جي ڪارڪردگي جو جائزو (جون2022ع، پاڪستان)

| روزاني جا 5 ديني ڪم | | هفتيوار 5 ديني ڪم | | ماهانه 2 ديني ڪم | |
|---|---|---|---|---|---|
| | | | | | |
| فجر جي لاءِ جاڳائڻ | ذيلي حلقا23461<br>اوسطاً شريڪ50435 | هفتيوار اجتماع | مقامات 611<br>اوسطاً شريڪ 163449 | مدني قافلو 3 ڏينهن، 12ڏينهن، 1 مهينو | مدني قافلا3328<br>اوسطاً شريڪ: 23345 |
| مسجد درس | 37628 | موڪل جي ڏينهن اعتڪاف | 13964 | نيڪ اعمال جو رسالو | تقسيم: 175504<br>وصول: 106404 |
| چوڪ درس | 35541 | مدني مذاڪرو | مقامات: | نوٽ: هي | |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| | | | 14719<br>اوسطاً شريڪ: 124553 | ڪارڪردگي جون 2022ع ۾ صرف ملڪ پاڪستان جي آهي. جولاءِ 2022ع کان مسجد درس ۾ چوڪ درس کي ملائي ڪري هڪ ديني ڪم ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته مدني ڪورَسن کي ماهوارمدني ڪمن ۾ شامل ڪيو ويو آهي. |
| تفسير ٻڌڻ ٻڌائڻ جو حلقو | 18724 | رسالو پڙهڻ/ٻڌڻ وارا | 1821428 | |
| مدرسة المدينه بالغان | مدارس :41732<br>اوسطاً شريڪ: 220707 | علاقائي دورو | 35045 | |

--------------------------------

| تنظيمي حلقا بندي خلاصو (صوبي وائز) | | | | | | | | | | | | | اربع, 27 جولاءِ, 2022 | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| صوبو/ شهر | ڊويزن | ميٽرو پوليٽنٽ/ ضلعو | | | تعلقو/ٽائون/زون | | | يوسي/ سيڪٽر | | | وارڊ / سب سيڪٽر/ ڳوٺ | | | ذيلي حلقا |
| | | ميٽرو پوليٽن | ضلعو | ٽوٽل | تعلقو | ٽائون/زون | ڪل | يوسي | سب سيڪٽر | ڪل | وارڊ | سب سيڪٽر/ڳوٺ | ڪل | |
| ڪراچي شهر (سنڌ) | 2 | 0 | 8 | 8 | 0 | 38 | 38 | 277 | 0 | 277 | 1108 | 0 | 1108 | 3899 |
| انٽيرئر سنڌ | 6 | 1 | 22 | 23 | 100 | 17 | 117 | 1316 | 0 | 1316 | 6027 | 0 | 6027 | 15175 |

| | | | | | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| بلوچستان | 7 | 1 | 15 | 16 | 76 | 3 | 79 | 359 | 0 | 359 | 1373 | 0 | 1373 | 3054 |
| پنجاب | 9 | 8 | 36 | 44 | 135 | 38 | 173 | 4260 | 0 | 4260 | 5203 | 0 | 5203 | 39327 |
| اسلام آباد شهر | 0 | 0 | 0 | 0 | 0 | 5 | 5 | 26 | 87 | 113 | 156 | 118 | 274 | 1126 |
| خيبر پختونخواه | 7 | 1 | 12 | 13 | 50 | 5 | 55 | 457 | 0 | 457 | 2155 | 0 | 2155 | 4496 |
| گلگت بلتستان | 3 | 0 | 10 | 10 | 21 | 0 | 21 | 0 | 0 | 0 | 0 | 0 | 0 | 466 |
| ڪشمير | 3 | 0 | 10 | 10 | 33 | 0 | 33 | 200 | 0 | 200 | 385 | 0 | 385 | 2075 |
| پاڪستان ٽوٽل | 37 | 11 | 113 | 124 | 415 | 106 | 521 | 6895 | 87 | 6982 | 16407 | 118 | 16525 | 69618 |

نوٽ: ويجهي علائقن جي تحت 41 ضلعا ۽ 1 ڊويزن آهي. KPK ۾ 23 ضلعا، جڏهن تہ بلوچستان ۾ 18 ضلعا ۽ 1 ڊويزن آهي.

## دعوتِ اسلامي جي خدمتِ دين جا شعبا (اسلامي پائر)

(1) شرعيہ ايڊوائزري بورڊ (افتاء مڪتب) (2) دارُالافتاء اهل سنّت (3) جامعةُ المدينہ (4) مدرسةُ المدينہ (5) فيضان آنلائن اڪيڊمي (6) خدام المساجد و المدارس (7) شعبو مدني ڪورس (8) شعبو اصلاح برائي قيديان (9) شعبو ائمہ مساجد (10) فيضان ويڪ اينڊ اسلامڪ اسڪول (Faizan Weekend Islamic School) (11) المدينة العلميہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر) (12) شعبو اوقات الصلوٰة ( Prayer Timings Department) (13) المدينہ لائبريري (14) شعبو فيضانِ مدينہ (مدني مرڪز) (15) دارُالسنّہ (16) شعبو فيضانِ اسلام (17) شعبو بين الاقوامي امور (International Affaires Department) (18) مدرسة المدينہ (بالغان) (19) شعبو عطيات بڪس (Donation Cell) (20) شعبو اطراف علائقا (21) شعبو ڪفن دفن (22) شعبو چرم قرباني (23) شعبو

تحفظِ اوراق مقدسہ (24) شعبو مدني بستو (Donation Cell) (25) شعبو اورادِ عطّاريہ (26) شعبو رمضان اعتڪاف (27) شعبو حج ۽ عمرو (28) شعبو هفتيوار اجتماع (29) شعبو مدني مذاڪرو (30) شعبو عُشر (31) شعبو رسالن جي ورهاست (32) شعبو محفلِ نعت (33) شعبو اجتماعي قرباني (34) نيو سوسائٽيز ڊيپارٽمنٽ (35) شعبو برائي تحفظ رزق (36) شعبو لنگرِ رضويہ (37) شعبو ايچ آر ڊيپارٽمنٽ (اجارو) (38) مدني چينل (39) فنانس ڊيپارٽمنٽ (40) مڪتبةُ المدينہ (41) ٽرانسليشن ڊيپارٽمينٽ (42) آءِ ٽي ڊيپارٽمنٽ (43) شعبو اثاثہ جات (44) شعبو تعميرات (45) دارُالمدينہ اسلامڪ اسڪول/ ڪاليج (46)دارُالمدينہ يونيورسٽي (47) مارڪيٽنگ ڊيپارٽمنٽ (48) فيضان ايجوڪيشن نيٽورڪ (49) فيضان اداره بحالي معذورَ(Faizan Rehabilitation Center) (50) سوشل ميڊيا ڊيپارٽمنٽ (51) ريسرچ ٽريننگ & ڊويلپمينٽ (R&D) (52) ليگل ايڊ ڊيپارٽمنٽ (53) ويلفيئر (Welfare) ڊيپارٽمنٽ (54) شعبو وڏڪاري (Plantation) (55) لينگويج ڊيپارٽمنٽ (56) پبلڪ ريليشن شپ مينجمنٽ ( PRM) (57) ڊيٽا اينا لائٽڪس ڊيپارٽمنٽ ( Data Analytics (Department (58) صحراءِ مدينہ ڊيپارٽمنٽ (59) سيڪيورٽي (Security)ڊيپارٽمنٽ (60) شعبو مدني قافلا (61) شعبو اصلاح اعمال (62) شعبو تعليم (63) اسپيشل پرسنز ڊيپارٽمنٽ (64) شعبو رابطو براءِ شخصيات (65) شعبو رابطو براءِ وڪلاء (66) رابطو براءِ ٽرانسپورٽ ڊيپارٽمنٽ (67) رابطو براءِ ميڊيڪل ڊيپارٽمنٽ (68) رابطو براءِ هوميوپيٿڪ ڊيپارٽمنٽ (69) رابطو براءِ ايگريڪلچر اينڊ لائيوسٽاڪ ڊيپارٽمنٽ (70) شعبو براءِ حڪيم (71) شعبو رابطو براءِ

شوبز (showbiz) ڊيپارٽمنٽ (72) شعبو براءِ تاجران (73) شعبو رابطو براءِ اوقاف (74) شعبو رابط بالعلماء (75) شعبو مزاراتِ اولياء (76) ميڊيا ڊيپارٽمنٽ (نشر و اشاعت، ميڊيا سيل) (77) فيضانِ مرشد ڊيپارٽمنٽ (78) رابطو براءِ اسپورٽس (Sports) ڊيپارٽمنٽ (79) شعبو ازديادِ حُب (80) پروفيشنلز ڊيپارٽمنٽ (81) شعبو معاونت براءِ اسلامي ڀينرون.

## دعوتِ اسلامي جي خدمتِ دين جا شعبا (اسلامي ڀينرون)

(1) شعبو جامعةُ المدينہ ڇوڪريون (2) شعبو مدرسة المدينہ ڇوڪريون (3) فيضان آنلائن اڪيڊمي ڇوڪريون (4) شعبو دارُ السنّہ فيضان آنلائن اڪيڊمي (5) شعبو فيضانِ اسلام (6) شعبو شارٽ ڪورسَ (7) شعبو بين الاقوامي امور International Affaires) Department) (8) مدرسة المدينہ بالغات (ذيلي شعبا: شعبو ڪورسز، شعبو مفتشات) (9) شعبو عطيات بڪس (Donation Cell) (10) شعبو ڪفن دفن (11) شعبو روحاني علاج (12) شعبو رسالن جي ورهاست (13) شعبو حج ۽ عمرو (14) شعبو هفتيوار اجتماع (15) شعبو مدني مذاڪرو (16) شعبو محفلِ نعت (17) شعبو ماهوار ڊويزن مدني حلقو (18) شعبو ايڇ آر ڊيپارٽمنٽ (اجارو) (ذيلي شعبا: طبّي علاج، ٽيسٽ مجلس) (19)فنانس ڊيپارٽمنٽ (20) دارُالمدينہ ڇوڪريون (21) شعبو مڪتبة المدينہ (اسلامي ڀينرون) (ذيلي شعبا ماهنام فيضانِ مدينہ، شب و روز) (22) شعبو مدني دورو ۽ محارم مدني قافلا (23) اسپيشل پرسنز ڊيپارٽمنٽ (25) شعبو اِزديادِ حُب (26) شعبو اصلاحِ اعمال (27) شعبو رابطو (28) فيضانِ مرشد ڊيپارٽمنٽ.

# دعوتِ اسلامي جي خدمتِ دين جا چند شعبا ڳڻ ساليانى ڪارڪردگي جو جائزو

(سيپٽمبر 2021ع کان آگسٽ 2022ع جي مطابق)

اَلْحَمدُ لِلّٰہ! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ 80 کان وڌيڪ شعبن ۾ دين متين جي خدمت جي لاءِ ڪوشان آهي، جنهن جون مدني بهارون نيوز ويب سائٽ (دعوتِ اسلامي جا شب و روز)، مدني چينل، ماهوار فيضان مدينہ ۽ مڪتبة المدينہ (دعوتِ اسلامي) جا ڪتابن ۽ رسالن جي ذريعي توهان تائين پهچنديون رهن ٿيون. گذريل هڪ سال جي چند شعبن جي مختصر ڪارڪردگي ڏسندا:

| مجلس شعبو | سيپٽمبر 2021 ع | آگسٽ 2022 ع |
|---|---|---|
| جامعات المدينہ | 891 | 1247 |
| طالب ۽ طالبات جامعات المدينہ | 65 هزار 866 | 96 هزار 921 |
| فارغ التحصيل طلبہ ۽ طالبات | 13 هزار 455 | 19 هزار 501 |
| فيضان آن لائن اڪيڊمي برانچز | 42 | 47 |
| فيضان آن لائن اڪيڊمي مان ڪورس ڪرڻ وارا | 18 هزار 691 | 26 هزار 843 |
| چوڪرن ۽ چوڪرين جا مدارسُ المدينہ | 4225 | 5947 |
| طالب ۽ طالبات مدارسُ المدينہ | 1 لک 97 هزار 12 | 2 لک 62 هزار 112 |
| ناظره مڪمل ڪرڻ وارا طالب ۽ طالبات | 2 لک 94 هزار 307 | 3 لک 38 هزار 998 |
| حُفاظ طالب ۽ طالبات | 92 هزار 47 | 1 لک 942 |
| مدرسةُ المدينہ (بالغان و بالغات) | 34 هزار 441 | 41 هزار 732 |
| طالب ۽ طالبات مدارسُ المدينہ بالغان | 1 لک 96 هزار 935 | 2 لک 20 هزار 707 |

دين اسلام جي خدمت ۾ توهان بہ دعوتِ اسلامي جو ساٿ ڏيو ۽ پنهنجي زڪوٰت، صدقاتِ واجبہ و نافلہ ۽ ٻيا عطيات(Donation) جي ذريعي مالي تعاون ڪيو! توهان جو چندو ڪنهن بہ جائز ديني، اصلاحي، فلاحي، روحاني، خير خواهي ۽ ڀلائي جي ڪمن ۾ خرچ ڪري سگهجي ٿو.

بينڪ جو نالو: MCB اڪائونٽ ٽائٽل:DAWAT-E-ISLAMITURST بينڪ برانچ:MCBAL-HILAL SOCIETY، برانچ ڪوڊ اڪائونٽ نمبر: 0037(صدقاتِ واجبہ ۽ زڪوٰة) 0859491901004197

# دعوتِ اسلامي جي مختلف ادارن پاران تحسين

## مولانا حفيظ الرحمٰن عطّاري مدني

دعوتِ اسلامي هڪ عالمگير تحريڪ آهي جنهن جو مقصد دُرست تعليم کي سڄي دنيا ۾ پهچائڻ آهي. پنهنجي هن مقصد جي لاءِ دعوتِ اسلاميءَ پُر امن، اصلاحي، مصلحتي ۽ باهمي هم آهنگي جو رستو اختيار ڪيو آهي. الله ڪريم جي فضل سان دعوتِ اسلامي پنهنجي اخلاص، دردِ اُمت ۽ اشاعت دين مصطفيٰ جي سبب سڄي دنيا ۾ پهچي چڪي آهي.

دعوتِ اسلامي ديني تعليم جي اشاعت سان گڏوگڏ فلاحي خدمتن ۾ بہ اڳڀري آهي. اَلحمدُلِله ڪيئي ملڪن جي طرفان خاص طور حڪومت پاڪستان جي طرفان دعوتِ اسلامي کي پذيرائي ملي آهي، هن سلسلي ۾ تعريفي خط، سرٽيفڪيٽ، ايوارڊ ۽ شيلڊن ذريعي دعوتِ اسلامي جي ديني ۽ فلاحي ڪمن کي ساراهيو ويو آهي.

❀ 3 جون 2021ع سابقہ اپوزيشن ليڊر براءِ سينيٽ يوسف رضا گيلانيءَ پارليمنٽ هائوس اسلام آباد مان دعوتِ اسلامي جي شعبي FGRF جي فلاحي سرگرمين (راشن، نقد رقم تقسيم ڪرڻ ۽ ٿيليسيميا جي مريضن جي لاءِ 53000 رت جون ٿيلهيون جمع ڪرڻ) تي خط جاري ڪندي چيو تہ مان ان ڳالھ جو اظهار ڪرڻ چاهيان ٿو تہ دعوتِ اسلامي هڪ عالمي غيرسياسي اسلامي تنظيم آهي جيڪا پوري دنيا ۾ قرآن و سنّت جي تبليغ جي لاءِ ڪم ڪري رهي آهي ۽ مسلمانن ۾ قرآن ڪريم سان محبت ۽ ان جي احڪامن تي عمل ڪرڻ جو جذبو بہ پيدا ڪري رهي آهي.

ٻي طرف FGRF دعوتِ اسلامي جو هڪ ذيلي شعبو آهي جيڪو سڄي دنيا ۾ امدادي سرگرميون انجام ڏيندي ڪمزور خاندانن ۾ ڪاڌي جي شين جي ورهاست، نقد امدادي ۽ خاص طور تي ٿيليسيميا جي مريضن جي لاءِ رت جي بوتلن جو بندوبست ڪرڻ جي حوالي سان غيرمعمولي ڪم بہ ڪري رهيو آهي. اللہ پاڪ دعوتِ اسلامي جي قرآن ڪريم جي خدمت کي قبول فرمائي، آمين.

❀ 17 آگسٽ 2020ع حڪومت پاڪستان پاران دعوتِ اسلامي جي نالي هڪ تعريفي خط جاري ڪيو ويو جنھن ۾ چيو ويو: ” دعوتِ اسلامي هڪ غير سياسي تنظيم آهي جيڪا قدرتي آفتن جي دوران نمايو ڪردار ادا ڪندي رهي آهي. وبا جي دوران خدمتون قابلِ ستائش آهن. ضرورت وقت غريب ماڻهن جي لاءِ راشن پيڪج/ نقد عطيا ۽ ٿيليسيميا جي مريضن جي لاءِ رت جو عطيو هڪ وڏو

تعاون هيو. ماڻهن جي بهتري جي لاءِ دعوتِ اسلامي جو اهڙو ڪردار وبائي مرضن جي دوران وقت جي اهم ضرورت هئي ۽ حڪومت اُن جو اعتراف ڪري ٿي.“

❀ ڪرونا وائرس جي متاثرن، ٿيليسيميا ۽ بين بيمارين جي مريضن ڪي رت جي فراهمي ۽ بارش زده علائقن ۾ فلاحي خدمتون انجام ڏيڻ تي آڪٽوبر 2020ع ۾ صدرِ پاڪستان، وزيرِ اعليٰ پنجاب ۽ گورنر پنجاب جي طرفان گورنر هائوس ۾ دعوتِ اسلامي کي ”شانِ پاڪستان“ ايوارڊ پيش ڪيو ويو.

❀ 25 فيبروري 2013ع وفاقي وزارتِ تعليم پاڪستان پاران هڪ تصديقي خط (Confirmation letter) جاري ڪيو ويو جنهن ۾ چيو ويو تہ وزارتِ تعليم ۽ تربيت هن ڳالھ جي تصديق ڪري ٿي تہ دعوتِ اسلامي قرآن و سنّت جي سڀ کان وڏي مذهبي، غيرسياسي تبليغي ۽ پُر اَمن تحريڪ آهي جيڪا پوري دنيا ۾ ڪم ڪري رهي آهي. دعوتِ اسلامي ڪردار سازي جي ذريعي اسلام جي تبليغ تي پختو يقين رکي ٿي.

زندگي جي بين ڪيترن ئي شعبن وانگر دعوتِ اسلامي بہ پنهنجي تعليمي پليٽ فارمن جيئن دارُالمدينہ (اسڪولنگ سسٽم) ذريعي معياري تعليم ڏيڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪري رهي آهي.

انهيءَ ڪري وزارتِ تعليم ۽ تربيت نہ صرف معاشري جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي صحت مند ۽ مثبت شراڪت کي ساراهي ٿي بلڪ مڪمل حمايت جو اظهار ڪري ٿي ۽ دعوتِ اسلامي جي ڪاميابي جي لاءِ دعاڳو آهي.

❀ ان کان علاوه 12 اپريل 2018ع تي وزارتِ امور ڪشمير ۽ گلگت بلتستان پاران 11 جنوري 2016ع تي وزارتِ مذهبي امور زڪوٰة ۽ عشر پاڪستان پاران ۽ 2 جون 2021ع تي وزارتِ خارجه پاران دعوتِ اسلامي جي لاءِ تعريفي ڪلمات تي مشتمل خطن ۾ چيو ويو آهي تہ دعوتِ اسلامي ڪڏهن بہ ڪنهن قسم جي رياست مخالف يا دهشت گردي واري سرگرمين ۾ ملوث ناهي پاتي وئي.

## يوم دعوتِ اسلامي 2 سيپٽمبر 2022ع

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطّار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

نَحْمَدُهٗ وَنُصَلِّيْ وَنُسَلِّمُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن

الله پاڪ ۽ ان جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فضل ۽ ڪرم سان اَڄُ 2 سيپٽمبر 2022ع تي ”دعوتِ اسلامي“ کي نهي 41 سال تي چڪا آهن. دعوتِ اسلامي جو آغاز سيپٽمبر 1981ع ۾ ڪراچي جي اندر ٿيو، الله ڪريم جي فضل ۽ ڪرم سان ”دعوتِ اسلامي“ تقريباً 41 سال جي سفر ۾ سياست، احتجاجي ريلين، ڌرڻن ۽ هڙتالن وغيره کان پري رهي ڪري مثبت (Positive) انداز ۾ دين جو اهو ڪم ڪيو آهي جنهن جو مثال ملڻ مشڪل آهي، ڪراچيءَ کان شروع ٿيڻ واري ”دعوتِ اسلامي“ ڏسندي ئي ڏسندي نہ صرف پاڪستان بلڪ پوريءَ دنيا ۾ وڃي پهتي ۽ اڄ (يعني 2022ع ۾) ❋ دعوتِ اسلامي جو ديني ڪم 80 کان وڌيڪ شعبن ۾ پکڙجي چڪو آهي. ❋ دعوتِ اسلامي هينئر تائين هزارين مسجدون، سيڪڙو فيضانِ مدينہ (مدني مرڪز) ٺاهي چڪي آهي. ❋ چوڪرن

۽ ڇوڪرين (Boys & Girls) کي الڳ الڳ قرآن جي تعليم ڏيڻ جي لاءِ هينئر تائين تقريباً 5946 (5 هزار 946) مدرسة المدينہ قائم ٿي چڪا آهن، جن ۾ تقريباً 2،62،112 (2لک 62 هزار 112) ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي قرآن ڪريم حفظ ۽ ناظره جي مفت تعليم ڏني وڃي پئي. ❋ نابينا ٻارن جي لاءِ بہ الڳ سان مدرسة المدينہ قائم آهن، ابتداء کان هاڻي تائين تقريباً، 4،39،940 (4 لک 39 هزار 940) ناظره ۽ حفظ قرآن مڪمل ڪيو ❋ علمِ دين جي فروغ (عالم ۽ عالمہ ڪورس ڪرائڻ) جي لاءِ الڳ الڳ جامعة المدينہ قائم آهن. هاڻي تقريباً 1247 (1 هزار 247) جامعة المدينہ (ڇوڪرن، ڇوڪرين جا) قائم ٿي چڪا آهن، جن ۾ تقريباً 96،921 (96 هزار 921) شاگرد ۽ شاگردياڻين کي درسِ نظامي (عالم ۽ عالمہ ڪورس، فيضانِ شريعت ڪورس) مفت ڪرايو پيو وڃي. هن وقت تقريباً 16،117 (16 هزار 117) عالم ۽ عالمہ ڪورس، شريعت ڪورس مڪمل ڪري چڪا آهن لکين حافظ، قاري، امام، مبلغ ۽ معلّم، عالم ۽ مفتي تيار ڪرڻ سان گڏوگڏ اصلاح امّت ۽ ڪردار سازي جو ڪم جاري آهي.
❀ لکين لک عاشقانِ رسول (اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون) هن مدني مقصد **"مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي"** جي حصول جي ڪوشش ۾ لڳل آهن. ❋ ڪيئي دارُ الافتاء اهلِ سنّت قائم ٿي چڪا آهن، جتي مفتيانِ ڪرام اُمت جي شرعي رهنمائي ڪرڻ ۾ مصروفِ عمل آهن. المدينة العلميہ (Islamic Research Center) ۾ مختلف موضوعن تي بيشمار ديني ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. ❋ فيضان آن لائن اڪيڊمي (ڇوڪرن، ڇوڪرين) جي لاءِ قائم آهن جنهن جي ذريعي آن لائن عالم ڪورس، قرآنِ پاڪ

(حفظ ۽ ناظره) پڙهايو ويندو آهي، 30 کان وڌيڪ آن لائن ڪورسن جي ذريعي 77 ملڪن (Countries) ۾ ماڻهن کي گهر ويٺي علمِ دين جي روشني پهچائي پئي وڃي. ”دارالمدينہ“ جي نالي سان انگلش ميڊيم اسلامڪ اسڪولنگ سسٽم ۾ هزارين ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ديني ۽ دنياوي علمَ حاصل ڪري رهيا آهن. ❋ ”مدني چينل“ جي ذريعي 6 وڏي سيٽلائٽن تي اردو، انگلش، بنگالي زبانن ۾ دين جي خوب خدمت ڪئي پئي وڃي. ❋ شعبي **FGRF** جي ذريعي فلاحي ۽ سماجي خدمتن جو سلسلو بہ جاري آهي ۽ پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڏکايل امّت 26 لکن کان وڌيڪ گهرن جي مختلف مشڪل وقتن ۾ نہ صرف جي مدد ڪئي وئي آهي بلڪ اُن حالتن ۾ خاص طور ٿيليسيميا (Thalassemia) ۽ بالعموم بين مريضن جي لاءِ رت جون بوتلون (Blood Bags) جمع ڪرڻ جو اهڙو ڪارنامو انجام ڏنو ويو جنهن جو مثال نٿو ملي. تحرير لکڻ وقت تائين رت جون تقريباً 53 هزار کان وڌيڪ بوتلون ڏنيون ويون آهن. اچو! اسان سڀ ملي ڪري نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي هن عظيم ڪم ۾ دعوتِ اسلامي سان ملي ڪري الله ۽ رسول کي خوش ڪري جنت جا حقدار بڻجون.

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں — اے دعوتِ اسلامی تیری دُھوم مچی ہو

## دعوتِ اسلامي جو چا ٿيندو!

شيخِ طريقت اميرِ اهل سنّت حضرت مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه کان سوال[1] ٿيو تہ ڪجھ ماڻهون چون ٿا

---

[1] ...هي سوال شعبانُ المعظم 1440 ھ بمطابق 20 اپريل 2019ع جو ٿيڻ واري مدني مذڪري ۾ ڪيو ويو هيو

تہ: جيسيتائين توهان (يعني اميرِ اهلِ سنّت) موجود آهيو تيستائين دعوتِ اسلامي هلندي رهندي، ان کان پوءِ نگران صاحبان ۽ اراڪينِ شوريٰ وغيره سڀ پڪڙجي ويندا ۽ پوءِ نہ ڄاڻي ڇا ٿيندو! ان جي ڇا حقيقت آهي؟

پاڻ دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جواب ۾ فرمايو: ڪجهہ ماڻهو اهو سمجهندا آهن تہ منهنجي مرڻ کان پوءِ دعوتِ اسلامي ختم ٿي ويندي، اِن شآءَ الله ايئن نہ ٿيندو. اَلحمدُلِلّٰه مون پنهنجي اولاد ۽ تمام دعوتِ اسلامي وارن کي مرڪزي مجلسِ شوريٰ جي اطاعت ڪرڻ جي تاڪيد ڪئي آهي ۽ ڪيترا ئي ڀيرا مذاڪرن ۾ ۽ وڏي راتين جي اجتماعن ۾ هي اعلان بہ ڪيا آهن تہ اسان کي دعوتِ اسلامي ۾ مرڪزي مجلسِ شوريٰ جي هيٺيان رهي ڪري ئي ديني ڪم ڪرڻو آهي، مرڪزي مجلسِ شوريٰ جي مخالفت ناهي ڪرڻي. دعوتِ اسلامي ڪو دُڪان يا ترڪو (يعني وراثت) ناهي جو منهنجي مرڻ کان پوءِ منهنجي اولاد ۾ تقسيم ٿيندي بلڪ دعوتِ اسلامي ۾ جيڪو ڪم ڪندو ان کي سلام آهي. الله جي فضل ۽ ڪرم سان مرڪزي مجلسِ شوريٰ ڪم ڪري رهي آهي ۽ هي ڪندي رهندي. مرڻو سڀني کي آهي جيڪڏهن انتقال سان دين جو ڪم رڪجي وڃي ها تہ اها هستي جن جي بدولت اسان کي اسلام مليو يعني اسان جو مڪّي مَدَني آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ظاهري پردو فرمائڻ تي ضرور رڪجي وڃي ها پر ان جي باوجود دين جو ڪم ناهي رڪيو تہ الياس قادري ڇا حيثيت ۾ آهي! ان جي مرڻ سان ڇا ٿئي ٿو! جيڪو منهنجي خاطر دين جو ڪم ڪري ٿو ان کي خدا حافظ! ۽ جيڪو الله جي لاءِ دين جو ڪم ڪري ٿو اهو اڄ بہ جاري منهنجي

مرڻ کان پوءِ بہ ڪري، اهو نہ سوچو تہ الياس قادري هليو ويندو تہ هيئن ٿي ويندو هونئن ٿي ويندو يا الياس قادري کان پوءِ ڇا ٿيندو؟ اهي سڀ شيطاني وسوسا آهن انهن کان اسان سڀن کي بچڻو آهي. جيئندي بہ تہ ڪجھ ٿي سگهي ٿو، اهڙيو ڪيئي تحريڪون هونديون آهن جن جا قائد تہ زندھ ۽ صحت مند هوندا آهن پر انهن جون تحريڪون ختم ٿي وينديون آهن. بهرحال اها منهنجي وصيت آهي تہ منهنجي مرڻ کان پوءِ بہ توهان دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مجلسِ شوريٰ کي ئي فوقيت ڏيڻي آهي، هي جهڙي طرح چاهي انهيءَ طرح دعوتِ اسلامي جي ذريعي دين جي خدمت ڪرڻي آهي، مرڪزي مجلسِ شوريٰ سان ڪڏهن بہ غداري ناهي ڪرڻي ۽ جيڪو مرڪزي مجلسِ شوريٰ جي مخالفت ڪري اُن جو ساٿ بہ ناهي ڏيڻو. الله پاڪ خائنَن جي نظر بد کان منهنجي دعوتِ اسلامي کي، منهنجي دعوتِ اسلامي وارن کي ۽ منهنجي مرڪزي مجلسِ شوريٰ کي محفوظ رکي ۽ انهن سڀني کي اخلاص سان گڏ دين جي خوب خدمت ڪرڻ جي سعادت بخشي.

اٰمِيۡن بِجَاہِ النَّبِیِّ الۡاَمِيۡن صلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں — اے دعوتِ اسلامی تِری دھوم مچی ہو


یومِ دعوتِ اسلامی
2ND SEPTEMBER 2022
قرآن کریم کی بہاریں
سنت کے رنگ
دعوتِ اسلامی کے سنگ
#ILOVEDAWATEISLAMI
#DAWATEISLAMIDAY
DAWATEISLAMI
www.dawateislami.net
فیضانِ مدینہ محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی، باب المدینہ (کراچی)
UAN: +92 21 111 25 26 92 Ext: 2650 / 1144
Web: www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
Email: feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net